# اتون گھر



قمر شہباز

چوڻي آهي:
ڏائڻ به ست گهر ٽاريندي آهي.
ان بااصول ڏائڻ جي روايت
کي قائم رکندي،
اسان به ست گهر ڇڏي،
صرف "اٺين گهر" ۾ جهاتي پاتي آهي.

# اٺين گهر

(طنزيه ڪهاڻيون، مزاحيه ڪالم)

## قمر شهباز

سنگم پبليڪيشن
پوسٽ باڪس نمبر ١٣٠٧ ڪراچي ٨

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنگم پبليڪيشنس جو 32 نمبر ڪتاب

ڪتاب : اٺون گهر
ليکڪ: قمر شهباز
چونڊ ۽ ترتيب: ڪرم الاهي چنا
ڪور ڊزائن: امير منيار
ليکڪ جو فوٽو: اياز راشدي
ڪمپوزنگ ۽ گيٽ اپ: نظام الدين انصاري
پبلشر: سنگم پبليڪيشنس
پوسٽ باڪس نمبر ١٣٠٧١ ڪراچي-٨
پرنٽر: العسڪري پرنٽرس نوآباد، ڪراچي
شيراز پرنٽنگ انٽرپرائيز، برنس روڊ، ڪراچي-
ڇاپو پهريون: جون ١٩٨٩ع
قيمت: -/60 (سٺ رپيا)

ATTHOAN GHAR

Author: QAMAR SHAHBAZ
Complied by: KARAM ILLAHI CHANNA
Title Cover: Amir Manyar
Author's Photograph Ayaz Rashdi
Get-up: Nizamuddin Ansari
Publishers: M/s Sangam Publications
P.O. Box No. 13071,
Karachi-8
Printer: M/s Al-askaree Printers Karachi
First Edition: June 1989
Price: Rs; 60/- Only

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپڻ

سنڌ جي نوجوان نسل
جي نالي-

جنهن جي سجاڳي، سوچ ۽ لوچ
اونده انڌوڪار،
ظلم ۽ جبر جا ڪٽڪ ڪوٽ
ڪيرايا آهن.

تحسين شهباز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست مضامين


سهاڳ علي احمد بروهي ........ ٩
١ ترقي ........ ١٥
٢ وڊيرو ۽ فلم ........ ٢٠
٣ نقل ........ ٢٥
٤ ففني ففني ........ ٢٨
٥ بس ........ ٣٢
٦ وقت ........ ٣٦
٧ ضرورت رشته ........ ٣٩
٨ مسئلا ........ ٤٣
٩ نوڪري ........ ٤٦
١٠ سادگي ........ ٥١
١١ آدم خور ........ ٥٥
١٢ سير ۽ تفريح ........ ٦٠
١٣ ڌاڙو ........ ٦٤
١٤ ننڍيون ڳالهيون ........ ٦٨
١٥ آرام ........ ٧١
١٦ ڪمپنيون ........ ٧٤
١٧ نجومي ........ ٧٨
١٨ ذات ........ ٨٣
١٩ نظام ........ ٨٦
٢٠ ڪتاب ........ ٩١
٢١ موڪل ........ ٩٥
٢٢ سواري ........ ١٠٠
٢٣ شاديون مراديون ........ ١٠٥
٢٤ بارش ........ ١٠٩



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥٢ تنپال ........ ٢٢٣

٥٣ گوشت ........ ٢٢٦

٥٤ پريشانيون ........ ٢٣٠

٥٥ پٽيوالو ........ ٢٣٤

٥٦ محاورا ........ ٢٣٨

٥٧ امداد باهمي ........ ٢٤٢

٥٨ اسڪول ........ ٢٤٧

٥٩ خط ........ ٢٥٢

٦٠ ضميرجو آواز ........ ٢٥٦

٦١ فني خرابي ........ ٢٦٠

٦٢ سينيو پلازا ........ ٢٦٤

٦٣ آرام ۽ تفريح ........ ٢٦٩

٦٤ مئن آف دي ميچ ........ ٢٧٣

٦٥ عيد ........ ٢٧٦

٦٦ شڪارپور جو جن ........ ٢٨٠

٦٧ وٽ ........ ٢٨٤

٦٨ مائي ملوڪان ........ ٢٨٧

٦٩ عشق مونسان ........ ٢٩٢

٧٠ صبح سگهڙ ........ ٢٩٧

٧١ ٽيوشن ........ ٣٠٠

٧٢ بجيٽ - ٨٩ ........ ٣٠٣

٧٣ سيل ........ ٣٠٧

٧٤ بجلي ........ ٣١٢

٧٥ پولين سڪرٽ جو شوق ........ ٣١٥


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڳ مشهور ڊرامانگار، شاعر ۽ ڪھاڻيڪار سائين قمر شهباز جي دلچسپ مزاحيه ڪھاڻين/طنزيه ڪالمن جو ٽيون ڪتاب "اٺون گهر" حاضر آهي، هن کان اڳ سنگم پبليڪيشنس پاران محترم قمر شهباز جا ٽي ڪتاب: قمر شهباز جون چونڊ ڪھاڻيون (١٩٨٣ع) ۽ واچوڙن ۾ لاٽ (ريڊيو/ٽي وي ڊراما) (١٩٨٧ع) ۽ چنڊ رهين ٿو ڏور (شاعري) (١٩٨٨ع) شايع ڪيا ويا. جيڪي پنهنجي اعليٰ معيار ۽ گيٽ اپ جي ڪري پڙهندڙن ۾ داد و پسند ڪيا ويا.

سائين قمر شهباز جي مذڪوره ڪتاب "اٺون گهر" ۾ سنڌس پاران ريڊيو پاڪستان جي مشهور پروگرام "سورج شاخون ڪيئون" لاءِ لکيل هزارين ڪھاڻين/ڪالمن مان ڪجهه چونڊ ڪري شامل ڪيا ويا آهن.

هن ڪتاب لاءِ مواد گڏ ڪرڻ ۾ ريڊيو پاڪستان جي سينيئر پروڊيوسرن محترم شيخ ابراهيم، محترم نثار ميمڻ ۽ محترم خواجا امداد وڏي مدد ڪئي ۽ ٽيڪ جو فوٽو سائين اياز راشدي ڏنو. ادارو سندن ٿورائتو آهي. انکان علاوه ڪتاب کي تيار ڪرڻ ۾ محترم نظام الدين انصاري تمام گھڻو تعاون ڪيو، ادارو سندس خاص سهڪار لاءِ ٿورائتو آهي.

ڪرم الاهي چنا

١ جون ١٩٨٩ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلي لنوائي يا ٺاري ڇڏي، اها ٻي ڳالهه آهي. منهنجي ذاتي راءِ مطابق، قمر شهباز ڪلي ٻوڪ ڪري اسانکي آرسي ڏيکاري ٻنهنجي داغيل چهري کي درست ڪرڻ لاءِ جو اسانجو ڌيان ڇڪايو آهي، تنهن لاءِ اسين سندس ٿورائتا آهيون.

— علي احمد بروهي

١١، نومبر ١٩٨٨ع
ڪراچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين : ڪهڙي ريل جا ھتا ؟
چيم : جيڪا شهر ۾ ٿيندي آهي.
چيائين : ڪهڙو شهر ؟
چيم : ڪوبہ شهر.
چيائين : شهر ڇا ٿيندو آهي ؟
چيم : ڀائو، خوش ٿون آهين، ڇڻو ٿيو آهين گهڻن خفن کان !

( ٥- مئي ١٩٨٣ )

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وڏيري ۽ فلم

سنڌ جي هڪ ڏورانهين ڳوٺ جو هڪ زميندار مون وٽ آيو.

چيائين ته: فلم ٺاهڻ جو شوق اٿم. منهنجي مدد ڪر.

چيم: ڪو ٻيو شوق، ڇو نٿو ڪرين؟

چيائين: سڀ شوق پورا ڪيا اٿم.

چيم: پوءِ به ٻيهر سوچي ڏس.

چيائين: گهڻون سوچيو اٿم. اهو منهنجو آخري فيصلو آهي.

چيم: پئسا گهڻا اٿئي؟

چيائين: ڪجهه روڪڙ اٿم، ڪجهه زمين اٿم ڪجهه ڳهه ڳٺا اٿم، ڪجهه ٻاڌاري اٿم. پئسي جو فڪر نه ڪر. فلم ٺاهي ڏينم.

چيم: ڪو اسڪول کولاءِ، ڪو يتيم خانو هلاءِ، ڪا اسپتال ٺهراءِ.

چيائين: ڪرڻ کي ته سڀ ڪجهه ڪري سگهان ٿو، پر فلم جو مزو ئي ٻيو آهي.

چيم: ڪهڙو؟

چيائين: اسڪول، يتيم خاني ۽ اسپتال ۾ ناچ گانو ڪيئن ٿيندو؟

چيم: ته ناچ گانو ته سئنيما ۾ به وڃي ڏسي سگهين ٿو، پئسو ڇو ٿو وڃائين؟

چيائين: ته پوءِ ٻار، يتيم ۽ مريض ته مان اسڪول، يتيم خاني ۽ اسپتال ۾ به وڃي ڏسي سگهان ٿو. پئسو ڇو وڃايان؟

وڏيري صاحب کي فلم جو شوق ڪنيون بيٺو هجي ۽ منهنجي اها ڏم ته اهڙو ڦهر نه ڪر. ٻيو جيڪو وٺئي سو ڪر، پر فلم ٺاهڻ جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏ. هو چوي ته اها ڇا جي ڳالهه؟ فيصلو ٿيو سو ٿيو. اعلان ڪري ڇڏيو اٿم. راڄن کي خبر پئجي وئي آهي. ماڻهو ڇا چوندا ـ ؟

چيم: ڪهڙا ماڻهون؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: اهو به آهي، اهو رڳو، اهو رڳو ڪونه ڏٺو اٿئي؟ فوٽ پاٿ تي ڏيڍ جهليو بيٺو هوندو آهي.

چيم: اهو فوٽوگرافر نه گهرجي وڏيرا، هت ته هلندڙ ڦرندڙ ڪئميرا وارو فوٽوگرافر گهرجي.

چيائين: ڪٿي هلائينداسونس. ايترو به چوڻ ڪونه ڪندو ڇا؟

چيم: هڪ ايڊيٽر به گهرجي.

چيائين: اهو وري ڇا ٿيندو آهي؟

چيم: اهو فلم جا اجاياسين ڪٽي، باقي مناسين ڪڍي فلم لاهيندو آهي.

چيائين: اهو ڪم مان پاڻ ڪندس.

چيم: توهان؟

چيائين: ڇو؟ سڄي عمر وائرڪورس ٺڪيا اٿم، ملڪيتون حصا پٽيون ڪري وري ٻيهر جوڙيون اٿم، سڱا بنديون ٽوڙائي ٻيهر جوڙايون اٿم، باقي فلم ڪونه ڪٽي ۽ جوڙي سگهندس؟

( ١٠- مئي ١٩٨١ )

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نقل

لفظ "نقل" جون ڪئين معنائون ۽ مطلب آهن .

نقل معني اهل، نقل معني ڪوڙ، نقل معني قصو يا ڪهاڻي، نقل معني پوڙ ۽ شامل پاڇي ۽ نقل معني ڪنهن جو نهس ڇڙهيل پوهي مگ وغيره.

جونڊا آهن ته نقل لاءِ عقل جي ضرورت ڪانهي. شايد اهوئي سبب آهي جو نقل ڪندڙ شاگرد اڪثر پاس ٿيندا آهن ۽ عقل وارا اڪثر ناپاس ٿيندا آهن .

مارڪ ٽوائن آمريڪا جو دادلو مزاحيه نگار ٿي گذريو آهي. هن کي سندس زندگيءَ ۾ ٿي ڪافي شهرت ملي جڪي هنـي . هڪ دفعي هن جي شهر وارن اعلان ڪيو ته جيڪو به مالهون مارڪ ٽوائن جو سڀ ۾ سٺو نقل ڪندو، ان کي انعام ڏنو ويندو . ڪيترن ئي شوقينن مقابلـي ۾ حصو ورتو. خـود مارڪ ٽوائن به اڪي لڪي ان مقابلي ۾ حصو ورتو ; پر سندس حيرت جي حد نه رهي جڏهن پهريون انعام ڪيس نه، ڪنهن ٻئي کي مليو .

منهنجو دوست شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار صاحب اوچانڪ ڪالهه مون وٽ آيو ۽ روئندو آيو.

پڇيم : وري ڇا ٿيو ؟

چيائين : نقل ٿي ويو .

چيم : ڪنهنجو ؟

چيائين : منهنجو .

چيم : ڪنهن ڪيو ؟

چيائين : سليمان .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعر جذبات جناب بلبل بيقرار جي شڪايت بجا آهي، پر هڪ اڌ ميار هن ڏانهن به آهي.

ٿيو هيئن ته جو هڪ ڏينهن هو هڪ شعر ڪٺي آيو ۽ چيائين : تازو ڪلام چيو اٿم، پڙهو.

ڪلام پڙهي مٿي کي هٿ ڏئي ويهي رهيس. چيم : بلبل صاحب، هي ته مرزا قليچ بيگ جو شعر آهي. هي ته ڏسو سندس ناليِ سان ڪتاب ۾ ڇپيل پڻ آهي.

بلبل بيقرار منهن بچڙو ڪندي چيو : ڪمال آهي. ڪو جيترو ماڻهو هجي ته ڪٺي پڇانس به. هاڻي گذاري وڃڻ سان ڪهڙا ويهي بحث ڪيان ؟

شاعر جذبات اڄان مون وٽ ويٺو ئي هو، ويٺي خانصاحب جي هاريءَ سليمان جي شڪايت ڪيائين. چي : سائين ناحق آهي. منهنجو نقل ٿو ڪري، هوبهو مون وانگر ٿو ڳالهائي. آهي ڪو هن کي سمجهائڻ وارو؟

ايتري ۾ خيرمحمد ڪوڪن وارو اچي نڪتو. بلبل کي ڏسي چيائين: بلبل صاحب توهان هت ويٺا آهيو؟

مون پڇيو : ڇو؟ خير ته آهي؟

چيائين : ٻاهر ماڻهن هڪ ٻئي ماڻهوءَ کي شاعر جذبات سمجهي پيٽائي رکيو آهي.

مون چيو : سليمان خان ته ڪونه هو ؟

خيرمحمد ورائيو : هائو پهريِ اهو ئي همراه هو.

شاعر جذبات ڏاڍو خوش ٿيو. ڪليو ۽ پوءِ ڏوال منهن کي ويڙهي لڪي لڪي ٻاهر هليو ويو.

(١٠ – ڊسمبر ١٩٨٠)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخر هڪ ڏينهن پڇيو مانس ته ميان خير محمد، ڪر خبر ايترن سارن مهمانن جي هوندي خوشحال آهين. آخر تنهنجي ڪاميابيءَ جو راز ڇا آهي؟

ڇيائين: ففٽي ففٽي.

ڇيم: مهمانن کان اڌو اڌ خرچ ڀرائي وٺندو آهين ڇا؟

ڇيائين: سيڌو سامان هو آڻيندا آهن، پچائيندا اسان آهيون. ڏسندا هو آهن. کائيندا اسان آهيون!

( ٥ اپريل ١٩٨٨ )

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان بہ پنهنجي بس تي اهي ماڻهون ٿي ڳالهيون شعري انداز ۾ لکندا آهيون. مقصد صرف اهو هوندو آهي تہ ڪنهن بہ حالت ۾ ماڻهون اسان کي ڪنهن بہ ڳالهہ جو ذميوار نہ ٺهرائين.

موت جو هڪ ڏينهن مقرر آهي. جي ماڻهون بس ۾ مري پيو تہ ڇا ٿي پيو؟ ھنڌ هجي ها تہ بہ ماڻهو بس هيٺان اچي سگهيو ٿي.

ان ڪري تہ شاعر چيو آهي تہ:

کهڙي لڳي کهڙيال تي- کهڙيال ڪئي کهوڙا
ٻڌن ڪين ٻوڙا- اها کهڙي بہ کهٽ ٿي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائين چئي هو غائب ٿي ويو!

شاعر جذبات جناب بلبل بيقرار چيو: اڄ رات وڏي ڪچهري ٿيندي.
اڄ مان پنهنجو ڪلام توهان کي ٻڌائيندس.
چيم: نه اڄ رات اسان ڪو تعميري ڪم ڪنداسين.
چيائين: شاعري به تعميري ٿي ٿيندي آهي.
چيم: ها، ٿيندي آهي.
چيائين: مان شاعر جذبات آهيان، بلبل بيقرار منهنجو تخلص آهي،
منهنجي شاعري جو قدر ڪيو.
چيم: مونکي شاهين ۽ شهباز جي شاعري گهرجي. جذبات ۽ بلبل
جي نه.
چيائين: اها منهنجي توهين آهي.
چيم: نه، تون وقت جي توهين آهين.
هو رسي ويو ۽ مان سڄي رات شاهه جو رسالو پڙهي وقت کي
ريجهائيندو رهيس.

هڪ انگريز مونکي چيو، توهان ۾ ۽ اسان ۾ وڏو فرق آهي.
چيم: صرف چمڙيءَ جو فرق آهي.
چيائين: نه، ٻيو به فرق آهي.
چيم: ها، حاڪم ۽ محڪوم جو فرق آهي.
چيائين: اڃا به ٻيو فرق آهي.
چيم: ڪهڙو؟
چيائين: وقت جو. توهان وٽ وقت جو قدر ڪونهي ۽ اسان وقت
جا پانها آهيون.
توهان واچ کي ڏسي چوندا آهيو ته "هلي پئي". اسان چوندا آهيون
ته "ڊوڙي پئي". *It is running* - آهي نه فرق!

(٣١- مئي ١٩٨١)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجال آ جو زبان مان لفظ ڪڇي.
ڇوڪريءَ ماءُ چيو: ٻڌو اٿم ته چور به آهي.
ڪاري ماءُ چيو: چور؟ اڃا امڙ رهزن آهي رهزن، مٿو مون کي ته زهر لڳندو آهي. تون ٻيو ڏس. امڙ، تون ٻيو ڏس!

ڪاري ماءُ هڪڙي ٻي ٻه مٽي ڪرائي.
چيائين: ڇوڪري موسل جهڙي، چئيوان، نه ڳالهائي نه ٻولهائي، لک ڳالهه-وَ ڏئي وجهي پار پئوس، مجال جو جواب ۾ ڪجهه چوي. جهڙي ڀت!
جڏهن شادي ٿي وئي تڏهن خبر پئي ته ڪاري ماءُ بلڪل سچ چيو هو. ڇوڪري گونگي نڪتي!

( ٢٢- مارچ ١٩٨١ع )

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نوڪري

چوندا آهن ته اتم کيتي، وڌندڙ واپار.

نوڪري ته آهي چاڪري، ڪم ڪري ڪري بيک نڪري وڃي.

ملي وڃي مهيني جي پهرينءَ تاريخ پگهارڙي سُڪي پُڪي، جيڪا گهر پهچڻ تائين ٿي وڃي چيري ميري. نانا نُورا ليکا پُورا. اسان اهڙي جا اهڙا. وري اکيون ڪئلينڊر ۾ ته ڪڏهن ٿي ٻي پهرين اچي. اهڙيءَ طرح پهرينءَ جي آسري ۾ حياتي وڃي پوري ٿي. نه سير چپاتڻ لاءِ اجهو جڙيو، نه پوين لاءِ پيٽ پري ڪاٽڻ لاءِ ڪو ڏوڪڙ بچيو.

جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي.

اهي سڀ ڳالهيون سوچي، ويچار ڪيم ته نوڪري ڇڏجي ۽ ڪو اهڙو پيو ڪاروبار ڪجي جنهن مان گهٽ ۾ گهٽ حياتي ته سُکي گذري.

بس- سڀ ڪان پهريون اهو ڪم ڪيم جو استعفيٰ لکي ڏنم پنهنجي صاحب کي.

ڇيائين: هي ڇا؟

چيم: استعفيٰ.

ڇيائين: ڇو؟

چيم: گذر نٿو ٿئي.

ڇيائين: ڇا مان؟

چيم: پگهار مان.

ڇيائين: ڪير ٿو چوئي ته پگهار مان گذر ڪر.

چيم: پيو ڪٿان گذران ڪيان؟

ڇيائين: هي جو لکها ملازم نوڪريون ٿا ڪن، انهن کي تو جيترو به عقل ڪونهي؟ اهي ڪٿان ٿا گذر ڪن؟

مان فيصلو ڪري چڪو هوس ته ڇا به ٿي پوي، دنيا هيڏانهن

ٿيندو، جيڪو فيصلو ڪندو ته تون بيمار آهين يا نه.

چيم: مان بلڪل بيمار آهيان.

چيائون: اهو فيصلو توکي ڪرڻو ناهي.

چيم: مون وارو صاحب مونکي هميشه دماغي مريض، سست ۽ ڏوڻي سڏيندو آهي. ان ڪان ڪٿي پڇو.

چيائون: ان جي شاهدي ڪارگر ڪانهي.

پڇيم: ڇو؟

چيائون: ان ڪري جو تو واري صاحب کي سندس صاحب به بلڪل ائين ئي چوندو آهي!

منهنجي رٽائرمينٽ جي درخواست تي غور ڪرڻ لاءِ ميڊيڪل بورڊ ويٺو. ٽي چار ڊاڪٽر صاحب اچي گڏ ٿيا. مونکي سامهون ويهڻ لاءِ چيو ويو.

ڏچندي ڏچندي ويهي رهيس.

هڪڙي ڊاڪٽر پڇيو: پگهار گهڻي اٿئي؟

چيم: سائين پگهار جو طبي معائني سان ڪهڙو ڪم؟

چيائين: ڪم آهي. تون ٻڌاءِ ته سهي.

چيم: سائين اڍائي هزار روپيه.

چيائين: بس؟

چيم: بس.

چيائين: بس؟

چيم: بس.

چيائين: توکي رٽائر ٿيڻ نه گهرجي.

چيم: ڇو؟

چيائين: بکيو مري ويندين.

چيم: ته پوءِ ڇا ڪرڻ گهرجيم؟

چيائين: انهن حالتن ۾ ته توکي عزت سان رٽائر ٿيڻ کان اڳ لاڏاڻو ڪري وڃڻ کپي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ڏنئي؟

چپائين: صلاح وري ڪير ڏيندو؟ مون پاڻ فيصلو ڪيو آهي.

چيم: اهو ته ٺيڪ آهي، پر ماڻهو جيڪي چوي ان تي پاڻ ته عمل ڪري يا نه؟ ڏس تو جن ماڻهن کي سادگيءَ تي ليڪچر ڏنو هو، اهي جو توکي زيورن سان جهنجهيل ڏسن ته دل ۾ ڇا چوندا؟

چپائين: ته پوءِ سان زيور ماڻهن کي ڏيکارينديس ٿوروئي؟ مان ته سادگيءَ خاطر وڏي چادر ويڙهي وينديس ته جيئن زيور لڪي وڃن.

شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار چيو ته: مون به سادگي اختيار ڪئي آهي.

پڇيم: ڪيئن؟

چپائين: پنهنجا شعر مختصر لکڻ شروع ڪيا اٿم.

ننڍڙن شعرن چوڻ لاءِ ميچالو گهٽ کپائڻو پوندو. سَس ڪاغذ ۽ قلم گهٽ کپندا. چپائيءَ تي ٿورو خرچ ايندو. پڙهندڙ جو وقت بچندو وغيره وغيره.

چيم: هڪ اهم ڳالهه ته وسري ويئي.

چپائين: ڪهڙي؟

چيم: اها هيءَ ته پڙهندڙ جو به ميچالو خواه مخواه کپڻ ۽ تپڻ کان بچي پوندو!

ريل گاڏيءَ ۾ چڙهيس.

چيم: اونده آهي؟

چيائون: بجليءَ جي بچت ٿا ڪيون.

چيم: صفائي ڪانهي. پوءِ ٿي اچي؟

چيائون: خرچ جي بچت ٿا ڪيون.

چيم: پاڻي ناهي؟

چيائون: پاڻيءَ جي بچت ٿا ڪيون.

چيم: در دريون بند نٿا ٿين؟

چيائون: مسترين جي بچت ٿا ڪيون.

چيمر: ويهڻ لاءِ سالم سيٽ به ڪانهي؟
ڇپائون: ساماِن جي بچت ٿا ڪيون.
چيمر: ڀلا گاڏي هلي ڇو نٿي؟
ڇپائون: توهان جي سِر بخت جي بچت ٿا ڪيون!

سون وارو ڀٽيوالو رمون مهينو کن ٿيو ته آفيس آيو ئي ڪونه.
نه فون ڪيائين، نه خط لکيائين، نه درخواست ڏنائين، نه نياپو مڪائين.
خيال ٿيم ته ڪٿي ڪنهن ڏچي ۾ نه اچي ويو هجي، سو ڀڇائيندو ڀڇائيندو وڃي کهر ڳوليِ لڌومانس.
ڇا ڏسان ته ٻاڙي جي ٻارڙن سان ويٺو "اني ذڪر" راند ڪري.
"اڙي رمون، ڀٽيا، آهين ڪاٿي؟ اسان ڀيائي ڀچائي ٿڪا آهيون ۽ تون هتي ويٺو ٿو ٻارڙن سان راند ڪيڏين؟"
ڇپائين: سائين، بچت پئي ڪيم.
چيمر: ڇاجي بچت پئي ڪيئي؟
ڇپائين: سائين آفيس اچڻ لاءِ ڪپڙا ڌوتل ٻانجن، انهن جي بچت ٿي.
روز ڏاڙهي لاهجي، بليڊن جي بچت ٿي.
ٻاڙو ڀري آفيس اچجي، ٻاڙي جي بچت ٿي.
آفيس ۾ منجهند جي ماني کائجي، مانيءَ جي بچت ٿي.
آفيس ۾ چانهه به پيئجي، چانهه جي بچت ٿي.
روز حساب ڪتاب ۾ توهانکي به ٻه ٽي روپيه کهوبي هئندو آهيان توهان جي به بچت ٿي!

(۱۴ مارچ ۱۹۸۳)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گند جي ڍير تان ميڙيل انهن ڪاغذن ۽ خطرناڪ ڪان خطرناڪ بيمارين جا جيوڙا چهٽيل هوندا آهن جيڪي پوءِ وڏن توڙي معصوم ٻارن جي پيٽ ۽ وجي ڪين موت جي منهن تائين پهچائيندا آهن.
هڪ ڏينهن ان شخص کي چيم: تون پيو ڏنڊو ڇو نه ٿو ڪرين؟
چيائين: ان مان ڇا ٿيندو؟
چيم: ڪيترائي بي گناهه شهري بي وقت موت کان بچي پوندا.
هو ڪلهو. چيائين: خبر اٿئي گند جي هن ڍير جو مون ليڪو ڪنيون آهي، پنسا ڏني.
پڇيم: ڪنهن کان؟
چيائين: صفائيءَ واري انسپيڪٽر کان پيو ڪنهن کان؟ انسپيڪٽر صاحب جي صفائيءَ کي لڳي وڃي ته هو ڪٿان کائيندو ۽ مان ڪٿان کائيندس؟

(۳۱- مارچ ۱۹۸۳ع)

جواب مليس: جهڙو ميٽر پڙهايو.
سياح حيران ٿي چيو: ميٽر؟ وڪٽوريا ۾ ميٽر ڪٿان آيو؟
وڪٽوريا واري چيو: ميٽر ته صاحب هر هنڌ آهي. ٽيڪسيءَ ۾ ميٽر، رڪشا ۾ ميٽر، بجليءَ جو ميٽر، گئس جو ميٽر، شعر ۽ شاعريءَ ۾ ميٽر. ها، اسان جو ميٽر اهو اٿئي، ته جيترا ٽاپا گهوڙي ڪاڍا، اوترا روپيا ڏيڻا پوندئي!

اسان جو پاڙيسري پوپٽ پرديسي سير ۽ تفريح جي خيال کان سوات ويو. پروگرام ته هوس مهيني کن جو، پر هفتي جي اندر موٽي آيو.
پڇيم: جلدي ڇو موٽي آئين؟
چيائين: مزو نه آيو.
چيم: ڇا ٿيو؟
چيائين: نندُڻي نه پئي اچي. نه ٽرئفڪ جو گوڙ، نه ريڊيا، نه ٽيليويزن، نه هارن، نه مڇرن جي پون پون، نه ريل گاڏين جي ڇڪ ڇڪ. اسان هر ريل آهيون هنگامن تي، اهڙي ويراني ۾ ڪٿي ڏو آرام اچي!

( ۴- فيبروري ۱۹۸۱ع )

حيرت مان چيائين: هائو جهڙن ٻچڙن شال! ۽ تو کي ڪيئن خبر پئي؟

چيم: هاڻي ڪتابن جو ٿيلهو ڦٽو ڪر انب کاءُ.

چيائين: ڇو سائين؟

چيم: ان ڪري جو تنهنجو پٽ پيهر ڪڏهن به پڙهي نه سگهندو. اڄ هُن هڪ نينڍڙي عمر ۾ صوبيدار کي سونو پلو ۽ لک روپيه انعام ڏنو آهي، ۽ سپاهين کي تعريفي سندون ۽ ترقيون ڏياريون آهن. تنهنجو پٽ وڏو ماڻهو ٿي ويو آهي، انب کاءُ.تنهنجو پٽ وڏو ماڻهو ٿي ويو آهي!

(٢١- مارچ ١٩٨٨ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀوريون ڏيندئي انهيءَ ساڳيءَ ٺرڪ جي هيٺان ۽ پوءِ ڪنڌ ٺي انهيءَ ساڳي هڪ هزار وال واري ڀلاٽ تي دفن!

خير محمد ڪوڪن واري چيو: مان ٻه ٽو وڃي پئسا ڪمپنيءَ وارن کي ڏئي اچان، هر مهيني ڏهه هزار روپيه لفافي ۾ وجهي گهر ڏئي ويندا.

گهٽو ٺي جهليومانس اهو ڪم نه ڪر. نقصان ڀرائيندين، پر هيءُ يار هجي انڌ جي گهوڙي تي سوار سو نه مڙيو، وڃي پئسا سوورا ڏئي آيو ڪمپنيءَ وارن کي.

ٻئي مهيني مان ٻه سالس گڏ ويٺو هوس جو ڪو ماڻهو لفافو هٿ ۾ ڏئي هليو ويس.

ڪلي چيائين: ڏسين ٿو. ڪيئن گهر ويٺي ڏيو ٿا وڃن ڏهه هزار مهيني ۾ !

چيم: کولي لفافو ڳڻ ته سهي پئسا پورا اٿئي؟

ڪٺي جو لفافو کولي ته اندران هڪڙو خط نڪتو. لکيل هو:

محترم جناب. تنهنجا ڏهه هزار روپيه مهيني جا اسان جدا جمع ڪندا ٿا وڃون. جڏهن لک روپيه پورا ٿيندا تڏهن تو کي خوشخبري موڪلي ڏينداسين، اهڙيءَ طرح انشاالله جڏهن تنهنجا ڪروڙ رپيه گڏ ٿيندا ته تو کي مبارڪباد جو خط ۽ هڪ سرٽيفڪيٽ پڻ روانو ڪيو ويندو. في الحال تون صبر ڪر ۽ شڪر ڪر، جو صبر جو ڦل مٺو ٿيندو آهي ۽ شڪر ڪرڻ وارن جا گناه معاف ٿيندا آهن!

( ٢٥- جنوري ١٩٨٨ع )

اها نصيحت مون ڳنڍ سان ٻڌي ڇڏي هئي.
ٻهرئين ٽي ڏينهن هڪ ڳوٺاڻو فال ڪڍائڻ آيو. پريشان حال هو، منجهيل هو. رکي رکي آهون پئي ڪيائين. چيائين: وارو ڪر واهر ڪر، هڻن سان ٺو وڃان.
استاد ڪي ياد ڪندي چيومانس: ڪا شيءِ وڃائي اٿئي؟
چيائين: هائو.
چيم: شئي جاندار آهي؟
چيائين: هائو.
چيم: رنگ جي ڪاري آهي؟
چيائين: هائو.
چيم: ٻت ۾ ٿاهي آهي؟
چيائين: هائو.
چيم: منهنجو علم ٿو ٻڌائي ته اتر طرف وئي.
چيائين: وئي هوندي.
چيم: مينهن آهي؟
چيائين: شرم نٿو اچئي؟ منهنجي سس کي مينهن ٿو چوين!

استاد چيو هو ته جيڪڏهن ڪو نوجوان سينڌ سرمون ڪيل، سونڙي بونڙي ۾ اچي ۽ اچي قسمت جو حال پڇي ته پڪ سمجهه ته محبت جو ماريل آهي. کيس ڪوڙو دلاسو ڏئي چار پئسا ڇڏائجانءِ ۽ آئنده جي شنوائي به ڏئي ڇڏجانس ته جيئن ڏوڪڙن جو سلسلو جاري رهي.
استاد جي دعا سان هوبهو اهڙوئي گراهڪ اچي سهڙيو.
نوجوانءِ قد ڪاٺ جو ٺاهوڪو، سونيڊ بونيڊ پر پريشان. وار وکريل، ڳنڍين جو ڳاريل.
چيومانس: نوجوان پريشان آهين؟
چيائين: بالڪل آهيان.
چيم: منزل اکين کان دور ٿيندي ٿي وڃئي.
چيائين: توکي ڪيئن خبر پئي؟

چيمر: عالم آهي بابا.
چيائين: هاڻي ڇا ڪيان؟
چيمر: پنج روپيه في ڪ جا تري تي رک ته پڌايانءِ.
هن پنج روپيه ڏني ڇڏيا.
چيمر: هاڻي هيءَ ٻڙي ڪُني وچ. محبوب جي يءُ جي اکين ۾ وجي وجهه. اول خير ته پهرينءَ سٺ انڊو ڻي ويندو ۽ تنهنجي من جون مرادون پوريون ٿينديون.
چيائين: پليو آهين نجومي بابا، مان ته امتحاني پيپرن جي ڳولا ۾ آهيان. ڪي ڏا چون ته سکر ويا، ڪي ٿا چون ته دادوءَ ويا. پئسا ڪيسي ۾ ڪٺيو ڏو گهمان، رڳو خبر پويم ته ڪٿي آهن. فرسٽ ڊويزن ڪيڏانهن به وڃي ناهي!

هڪڙو ٿلهو متارو سيٺ آيو.
ڪوڙ دير ته ويٺي سهڪيو. آخرڪار جڏهن چڱيءَ طرح دم پٽيائين تڏهن چيائين: ڪٿي اڏي طوطو؟
چيمر: طوطو چاق ناهي. مان توهان جو هٿ ڏو ڏسان.
چيائين: نه، طوطو گهرجي.
چيمر: پارو ڏو هٽان.
چيائين: نه، طوطو گهرجي.
چيمر: ستارن جو حساب ڏو لڳايان.
چيائين: نه، طوطو گهرجي.
چيمر: جنات ڏو گهرايان.
چيائين: نه، طوطو گهرجي.
چيمر: پر آخر طوطو ڇو گهرجيءَ؟
چيائين: ان لاءِ جو ڪنهن ڏس ڏنو اٿم ته سهڪي جي لاءِ چڱو آهي. ڪهي ڪائيندومانس!

پيو سيٺ اڳئين کان به ٿلهو متارو آيو. سڄيو ٻنڌ لڳو پيو هو.
چيائين: هٿ ڏس.

هٿ ڏنم.

چيائين: ڇا ڏنئي؟

چيم: هٿ ڏنم.

چيائين: هٿ ۾ ڇا ڏٺئي؟

چيم: هٿ ته خالي هو. ڏسندس وري ڇا؟

چيائين: نجومي ڏوڙ جو آهين؟ قسمت ٻڌاءِ.

چيم: قسمت اها ٿي ٻڌائي ته تون تازو جيل مان آيو آهين ۽ عنقريب وري جيل ۾ ويندين.

چيائين: اهو ڪيئن؟

چيم: اهو هينئن ته تنهنجي ڪاراين تي هٿڪڙين جا نشان اڃان تازا آهن، ان مان سمجهيم ته تازو جيل مان آيو آهين. ۽ تنهنجي هٿن ڪي ڪٽيل سرن جي دز لڳل آهي ۽ ننهن ۾ ڳاڙها مرچ چنبڙيل آهن. ان مان پڪ ٿيم ته تو تازو ئي تازو مرچن ۾ ڪٽيل سرون ملايون آهن. ان ڪري اميد اٿم ته اول خير ڏينهن اڌ ۾ وري تو جيل وڃين!

شاعر بلبل بيقرار آيو.

چيائين: ياٺو، هي ڇا مشڪري لڳائي اٿئي؟

چيم: نجومي ٿيو آهيان. قسمت جو حال ٿو ٻڌايان.

چيائين: پڪ؟

چيم: پڪ.

چيائين: منهنجو هٿ ڏس.

چيم: اهو هٿ ٻڌائي ٿو ته تون شاعر گهٽ مزور وڌيڪ آهين.

چيائين: نه، مان مزور گهٽ ۽ شاعر وڌيڪ آهيان.

چيم: جي شاعر آهين ته مزوري ڇو ٿو ڪرين؟

چيائين: پيٽ جي خاطر.

چيم: ته پوءِ شاعري ڇو ٿو ڪرين؟

چيائين: دل جي خاطر.

چيم: ٻنهي ۾ ڪهڙو رشتو آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: اهوئي جيڪو شاعريءَ ۽ مزوريءَ ۾ آهي.

مائي ڪاري ماءُ آئي. چيائين: ابا مبارڪ هجئي. ٻڌو اٿم ته روزگار سان لڳو آهين.
چيم: ها مائي، شڪر آهي. نجومي ٿيو آهيان.
چيائين: ائي سچي؟ ڀلا منهنجو هٿ ته ڏس.
هٿ ڏسي چيم: هن مهيني تنهنجي هٿان چار شاديون ٿينديون.
چيائين: ڏس، ڪا پنجين به آهي؟
چيم: پنجين ته نظر نٿي اچي.
چيائين: وري ڏس، ضرور هوندي.
چيم: مون کي ته خبر نٿي پوي، توکي خبر هجي ته ٻڌاءِ مائي.
شرمائيندي چيائين: هل هل. مان ڀلا پنهنجي شاديءَ جي ڳالهه توکي ڪيئن ٻڌايان؟

(١٠- اپريل ١٩٨٣ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن سڙي وڃن ۽ ٻاهر جو خرچ بچي پوي.

منهنجو هڪڙو نيون ٻاڙيسري پسارڪو دوڪان هلائيندو آهي.
هڪڙي ڏينهن پڇيومانس: ڌنڌي جو ڇا حال آهي؟
چيائين: برو حال آهي.
چيم: ڇو؟ ڇا ٿيو؟
چيائين: ماڻهو سياڻا ٿي ويا آهن.
پڇيم: ڪيئن؟
چيائين: اڳ ماڻهو پئسا ڪٽي ايندا هئا ڪيسي ۾. هاڻي ڪٽي ٿا اچن ڳوٿرين ۾. جيسين ڳڻين ٿا تيسين ڏهه گراهڪ موٽي ٿا وڃن!

هڪڙو ٻيو ٻاڙيسري ٺيڪيدار آهي.
ڏاڍو پئسو ڪمايو اٿائين. امير ٿي ويو آهي.
هڪ ڏينهن پريشان مون وٽ آيو. پڇيومانس: خير ته آهي؟
چيائين: خير ڪونهي.
پڇيم: ڇا ٿيو؟
چيائين: جاهه ڪري ڇڏي.
چيم: اهي ته روز ڪرنديون آهن. تنهنجي ٺاهيل ڪا بلڊنگ اڄ تائين سلامت رهي ٿي ڪانهي. جيڪا به بلڊنگ ڊاهيندو آهين سا ته ڀهريون ٿي ڪري پوندي آهي. نه ته به لهڻ کان پوءِ ته ضرور ڪرندي آهي.
چيائين: هن ڀيري بلڊنگ ڪونه ڪري آهي. منهنجو پنهنجو گهر ڪري پيو آهي.
چيم: ڪيئن ڪريو؟
چيائين: سيمينٽ ۾ ڌوڙي ملاوت ٿي وئي هئي.
چيم: پنهنجي گهر ۾ به ملاوت ڪيئي؟
چيائين: عادت عضوو آهي ادا!

منهنجو اڳيا به هڪڙو ٻيو ٻاڙيسري هڪ تعليمي اداري جو مالڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. اسڪول هلائيندو آهي ۽ خوب ڪمائيندو آهي.
هڪ ڏينهن ڳالهه ڪيو. چيائين: ڏاڍي مشڪل آهي. ٻارن کي داخلا ئي نٿي ملي.
چيم: اها تڪليف هر هنڌ آهي.
چيائين: منهنجن ٻارن کي داخلا نٿي ملي.
چيم: تعجب آهي. توهان کي ته پنهنجو اسڪول آهي، ان ۾ ڇو نٿا داخل ڪرايون؟
چيائين: ڇا ٿو چوين؟ ٻارن جو پڙهو ٻوڙائڻو اٿم ڇا؟

(٨- مئي ١٩٨١ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪتاب

ڪتاب لکڻ ته ڏکيو ڪم آهي ئي، ڪتاب ڇپائڻ سڀ کان اوکو ڪم آهي.

لکڻ وارا ته لکن پيا. گهڻا پيا لکن. لکندا آيا آهن، لکندا رهندا، پر جتي ڇپائيءَ جو مسئلو پيدا ٿئي ٿو، اتي وڏا وڏا جنگجوان مات ٿيو وڃن.

مون هڪ پبلشر کي چيو: منهنجو ڪتاب ڇپايو.

ڇپائين: ڪجهه لکيو اٿئي ڇا؟

چيم: ها.

ڇپائين: ڇا؟

چيم: سڀ ڪجهه. ڊراما، آکاڻيون، شعر، مضمون وغيره وغيره.

ڇپائين: پوءِ ڇپائڻ ڇو ٿو چاهين؟

چيم: دستور آهي.

ڇپائين: پئسا اٿئي؟

چيم: پئسا هجن ها ته تو ڏي ڇو اچان ها؟

ڇپائين: ٻهريون پئسا هٿ ڪر. ڇپائڻ جا جدا ۽ منهنجي خرچيءَ جا جدا. پوءِ مون ڏي اچجانءِ.

شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار صاحب کي به شعرن جو مجموعو ڇپائڻ جو شوق ٿيو.

هڪ پبلشر وٽ ويو.

پبلشر پڇيس: ڪيترو ڪلام اٿئي؟

ڇپائين: مڻن جي حساب سان آهي.

پڇيائين: سڀ ڇپائڻو اٿئي؟

ڇپائين: سڀ ڇپائڻو اٿم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان، الله الله خير سلا!

ٻه ليکڪ پاڻ ۾ گهڻي عرصي کان پوءِ مليا.
هڪ ڏاڍو خوشحال پئي ڏٺو ۽ ٻيو صفا بدحال هو.
خوشحال ليکڪ بدحال کان پڇيو: تنهنجا اهڙا حال ڇو ٿيا آهن؟
بدحال چيو: مون سمورا پئسا ڏاڍا تي لڳائي پنهنجو ڪتاب ڇپايو هو. ڪتاب گهر ۾ پيو آهي. سيرالمنٽيءَ کان رکي سمهندا آهيون. ٻار راند کيڏندا آهن ۽ ٻارڙي وارا لوڻ مرچ وجهڻ لاءِ ايلاز ڪري پنا وٺي ويندا آهن. تون ڪر خبر، تون ته ڏاڍو خوش ٿو ڏسجين. ڪٿان آندئي اها دولت؟
خوشحال اديب چيو: مون سياڻپ کان ڪم ورتو، نه شعر ڇپايم، نه ڪهاڻيون، نه ڊراما، نه مضمون. انڪي حساب ڇپايم. خوب هليو. خوب وڪاميو. اڄ لکن ۾ ٿو کيڏان!

( ٢١- مئي ١٩٨١ع )

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا ڏينهن آهن. آچر ۽ سومر ڪي ڇانيو آهي؟

ڇيم: آچر ڏينهن عيد آهي، سومري ڏينهن ڪيد، اڱاري ڏينهن عيد جو ٽيون ڏينهن آهي، اربع ۽ خميس مقامي موڪل آهي. وري جمعو ۽ ڇنڇر موڪل جا ڏينهن اچي ويندا.

ڇپائين: ڏاڍو سٺو ٿيو. جيستائين تنهنجو شهر ڪلي، تيستائين مان پلا لنڊن مان چڪر هڻي اچهو ٿو موٽي اچان!

(١٨- جنوري ١٩٨٨)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيائين: ڏينهن جو بتيون ٻارڻ سان مقصد صرف اهو آهي ته جيئن ماڻهن کي احساس ٿئي ته اصلي روشني ته قدرتي آهي. سج آڏو بجليءَ جي بلب جي ڪا حيثيت نه ڪانهي. ان ڪري قدرتي روشنيءَ تي ڀروسو رکو. نقلي روشني ته وري به نقلي آهي. ۽ نقل تي اعتبار ڪرڻ اجايو آهي.

(١٦- آگسٽ ١٩٨١ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاديون مراديون

شادي ته هرڪو ڪري، پر شاديءَ شاديءَ ۾ فرق. يا وري ڪٿي انهن ٻنهي ته گهوٽ ته هرڪو ٿئي، پر گهوٽ گهوٽ ۾ فرق.

ڪو گهوٽ اڙدو، ڪو اٽانگو، ڪو سپاجهو، ڪو سريلو، ڪو رسڻو، ڪو ڪسڻو ۽ ڪو وري ڪنوارو ئي ڀلو!

شادين جي سند آهي. ڏينهن ۾ ڏهه نمونا ڏسڻ ڪاڻ ملن ٿا. گهوٽ ڪراڙو ته زال ننڍي. جي گهوٽ ننڍو ته ڪنوار ڏند ڪاني ڏاڙون پٽي ڇپاڙي.

رنگيءَ جا رنگ آهن، ڏسڻ وارا دنگ آهن.

رات شاديءَ ۾ ويو هوس. قاضيءَ نڪاح پڙهائي گهوٽ کان پڇيو: قبول اٿئي؟

گهوٽ هڏوراڙيون هڻڻ لڳو.

ڪنهن پڇيس: ڇا ٿو ڳولهين؟

چيائين: ڀنڀي الائي ڪٿي ڪري پئي!

هڪڙي ٻي شادي ياد اٿم.

ان ۾ به مولوي صاحب نڪاح پڙهائيندي پڇيو: فلاڻي ڌيءَ فلاڻي جي، توکي قبول آهي؟

گهوٽ چيو : پنج هزار.

مولوي صاحب چيو ته: قبول اٿئي؟

چيائين: پڌين نڻو، پنج هزار.

اتي گهوٽيتن مان هڪ همراه اٿي وڌي آيو ۽ چيائينس: چاچا، ماڻهون ٿو ڪلائين. حق مهر ڪونه ٿو پڇني، قبوليت ٿو پڇني.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا آهن. گهوٽ ۽ ڇوڪري ته نه، آخريءَ قنات وارا اسان جا ڪنواريتا آهن. چپ ڪري ويٺا رهيا.

هڪڙي ٻاڙي واري ٻهڻي لقاءُ ڏٺو، سو وڏي وڻن آيو. چيائين: ڀلا آهيو ڇا؟

چيائون: هائو ڀيڻ.

چيائين: ته پوءِ ڇڱائي ان ۾ اٿو ته موٽي وڃو. منهنجي شاديءَ تي به ڄاڃي ٻاجهي ڀيا هئا، ۽ مان اڃان تائين پيو ٿو ڪيتو لوڙيان. اصلي ڪنوار جي بجاءِ سنڌس نوڪرياڻيءَ سان شادي ٿي وئي هئي!

(۲۱- آگسٽ ۱۹۸۶ع)

سائين بارش پوندي يا نه، اها خبر خدا کي- ھر اسان کي اها خبر ضرور آھي ته خدا جي مخلوق بارش کان سواءِ تمام گھڻي بي‌تاب ۽ بيچين آھي! اسان جي پياري دوست شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار جو ڪٿي مثال وٺو. ڇيڇومانس: بلبل بيقرار، ڪو تازو ڪلام ؟

چيائين : نه منھنجا سائين.

ڇيڇم : ڇو ڀلا ؟

چيائين: برسات نٿي ڪانه پئي آھي.

چيم: برسات سان ڪڏ شاعري ڪندو آھين ڇا؟

چيائين : ڳالھه ڀڏ بختاور. شاعرن جا ٻه قسم ٿيندا اٿئي. ڪي شاعر ٽانگي ۾ ويھي گھوڙي جي ٽاپ ٽاپ تي شاعري ڪندا آھن، ڪي ريل گاڏيءَ جي ڇڪ ڇڪ تي ڪلام چوندا آھن، ڪي اٽي پيھڻ واريءَ انجڻ جي لونيءَ تي ڏن لاھيندا آھن.

چيم: تون بارش جي وسڪاري تي بحروزن جوڙيندو آھين ڇا؟

چيائين : نه. برساتي ڏيڏرن جي ٽان ٽان تي !

برسات نٿي پوي ته ڏيڏر وري ڪٿان ايندا ؟

(۱۱- جنوري ۱۹۸۸ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# امتحان

ٻارن جا امتحان جاري آهن. وي سي آر زور تي آهي. صبح جو هڪ فلم، منجهند جو پيپر، شام جو ٻي فلم، موقعو مليو ته ٽي- وي يا ڊيڪ تي ميوزڪ، نه ته فون تي گپ شپ.

هڪ ڏينهن چيومان: جڏهن اسان توهان جي عمر جا هوندا هئاسين تڏهن امتحان کان ڇهه مهينا اڳ ان جي تياري ڪندا هئاسين. ٻهريون ٻه ڪلاڪ، پوءِ چار ڪلاڪ ۽ آخرڪار اٺ ڪلاڪ روز پڙهندا هئاسين. اڪيلا نه پڙهي سگهندا هئاسين ته چار پنج ڄڻا گڏجي پڙهندا هئاسين. امتحان جو ڏينهن ايندو هو ته صبح جو سوير اٿي تياري ڪندا هئاسين. ٻه پينون مس سان ڀري پاڻ سان گڏ کڻندا هئاسين. رف ڪم لاءِ پينسل جدا. ڊڄندا ڊڄندا امتحان هال ۾ ويندا هئاسين. مجال آ جو ڪو ڪتاب پاڻ سان گڏ کڻون. ادب ۽ احترام سان پيپر وٺي، ٽي ڪلاڪ سانده لکي، ٻه ٽي ڀيرا پڙهي، پڪ ڪري، استاد جي حوالي ڪري موٽندا هئاسين.

ٻارن منهنجي ڳالهه ڏاڍي غور سان ٻڌي. سڀ کان ننڍي ٽٽڪوءَ چيو: بابا. انهن ڏينهن ۾ انڪل فهيم بورڊ جو عملدار ڪونه هوندو هو ڇا؟

چيم: نه پٽ پر جي هجي به ها ته به مدد ڪونه ڪري ها.

چيائين: هاڻي ته پيپر گهر تي ڏياري ٿو موڪلي.

چيم: اهائي ته توهان جي بدنصيبي آهي ٻچا.

چيائين: بدنصيبي ڇو آهي؟ پيپر ته فوٽو ڪاپي ٿي شهر ۾ وڪامندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، ڪين نوڪري گهر ويٺي ملندي آهي ۽ هو پڻ نوڪري گهر ويٺي ڪندا آهن. مردو نرڳ وڃي يا سرڳ ان سان هنن جو ڪهڙو ڪم؟ هو ته صرف خوشحاليءَ جو سوچيندا آهن. ملڪ ۽ قوم جي خوشحالي نه - پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي خوشحالي. جيڪا سڀ کان وڌيڪ پياري به آهي، پائيدار به آهي.

(٦- جون ١٩٨٨ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پين کي نوڪرين چاڪرين، زمينون پلاٽ ملن ٿا، سون کي به مان گهرجن .

چيم : ها، بلڪل مان گهرجي. گهٽ ۾ گهٽ هڪ پلاٽ ته ملڻ ني گهرجي.

چيائين : آنون نه ته؟ هڪ هزار والن جو پلاٽ هٿ گهرجي ڏينس ۾ .

چيم : اهو پلاٽ ته ڪونه ملندئي شاعر جذبات. ها، باقي افساني جو پلاٽ جيڏو وڏو چوين اوترو ملندئي. اها ذميداري منهنجي.

خيرمحمد کوکن واري چيو : ننڍي هوندي "چنهر چيلي" ۾ مان به چيمپئين هوندو هوس. منهنجي پٽ کي نوڪري ڏيار.

چيم : ڪهڙي نوڪري کپئي خيرمحمد خان ؟

چيائين : مڙني ڪسٽم ۾، ڪا پوليس ۾، ڪا ايڪسائيز ۾، ڪا ڪي بي ني ۾ .

چيم : ان لاءِ ڪنهن به راند جو چيمپئين هٿ ضروري نه ناهي.

چيائين: نه ادا. نوڪريون ملڻ ٿي انهن کي ٿيون جيڪي راند روند ۾ نالو ٿا ڪڍائين . راند ڪٿي ڪهڙي به هجي، ڪشتي هجي يا دنگل، مڙني ني راند کيڏئي. منهنجي پاڙي ۾ هڪ ماڻهو اهڙو به آهي جنهن اکر مٿهر ۾ ٽورناميٽ کٽي هئي، ان کي هڪ ڪار ۽ هڪ سونو تاج انعام ۾ مليا آهن ۽ سندس پٽ کي ملڪ کان ٻاهر ٽريننگ تي پڻ موڪليو اٿن.

چيم : نوڪريءَ جي ٽريننگ؟

چيائين : نه، اکر مهر جي ٽريننگ لاءِ!

(۱۴- مارچ ۱۹۸۸ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميٺ چيو: ادا مان چيا ڪيان. تنهنجي قميص تي لکيل آهي پنجاهه پئسا في ڦيرو.

ڪوليءَ چيو: جي اهو حساب آهي ته پوءِ ڪڍ پنجاهه روپيه پاهر. ڳڌيل پنجن ڪلاڪن ۾ مان پورا سؤ ڦيرا ڪري چڪو آهيان!

اعتبار نٿو اچئي ته ڪر حساب ته خبر پوي.

(۱۳- مئي ۱۹۸۱ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا ڏسان ته هڪ وڏو هال آهي. ان کي پٺين سان ڇٽن حصن ۾ ورهائي ويهي رهيا آهن.
ڇيائون: هي اٿئي توهانجا چار بيڊروم.
ڇيم: ۽ هو ڊرائنگ هال، ڊائننگ هال ۽ سرونٽ ڪوارٽر؟
ڇيائون: هنن سان ڪنهن به هڪ ۾ به چار ڪرسيون وجهي ڇڏ. اهو ٿيو توهانجو ڊرائنگ روم. ٻئي ڪنهن ۾، يا بهتر اٿئي ته ساڳئي ۾ ماني کائي ڇڏجانءِ، اهو ٿيو توهانجو ڊائننگ هال. باقي رهيو سرونٽ ڪوارٽر، سو ادا جيڪو فليٽن ۾ رهندو سو ڪٿان ٿو نوڪر رکي سگهي؟ پر جي ڪٿي ڪڏهن نوڪر رکيئي ته اسان کي خط لکي موڪلجانءِ، اسان توهانجي نوڪر کي پاڻ وٽ ڪٿي رهائينداسين.
ڇيم: پر هو ٽيليفون، بجلي، گئس، پاڻي؟
ڇيائين: نيڪ ڪم ڪر. توبه تائب ٿيءُ. الله تعاليٰ جنت ۾ توکي اهي سڀ آسائشون ته ڏيندو ئي ڏيندو، پر ان سان گڏ هڪ عدد حور جو به وعدو ڪيو اٿائين. دل ڇو لاٿي اٿئي؟ بس باقي سال ٻن جي ڳالهه آهي، اهي هتي گذار، پوءِ هميشه لاءِ عيش ۾ هوندين!

( ١- جنوري ١٩٨٨ع )

چيم: ڪجهه نه پڙو.
چيائين: سياڻي پڙائجان.
چيم: سياڻي هوندين ته پڙائيندو مانهه.
چيائين: ڇا مطلب؟
چيم: مطلب اهو ته دفتر کي باهه لڳي آهي!

بلبل بيقرار جي سس چيو: سون کي به برابري ملي آهي.
منو ولو هاڻي ويندو ڪيڏانهن؟
چيم: ولوءَ جو ڪهڙو ڏوهه آهي مائي؟
چيائين: منو موالي. سڄو ڏينهن وتي ٿو جوئا کيڏندو. مان آهيان جو ڪم ڪري ڪري مري پئي آهيان. سياڻي ڪان هو منهنجي جاءِ تي ڪم ڪندو ۽ مان هن جي جاءِ تي ڪم ڪنديس.
چيم: اهو ناممڪن آهي مائي.
چيائين: تون چپ ڪر. ناممڪن آهي! ڇا ناممڪن آهي؟
چيم: تنهنجو ولوءَ جي جاءِ تي ڪم ڪرڻ ناممڪن آهي.
چيائين : ڇو؟ ڇا ٿيو آهي مونکي؟
چيم: توکي نه. ولوءَ کي ٿيو آهي.
اڄ صبح ڪيس پوليس جوئا ۾ هٿڏي وئي آهي. سائس جاءِ بدلائي سگهين ته جي بسم الله. منهنجون اکيون ٺڏيون!

(۲۹- مئي ۱۹۸۱)

# فيشن

چون ٿا ته ”فيشن جي ڪا به عمر ڪونه ٿيندي آهي“. ڪن جو چوڻ آهي ته ”نه ـ فيشن جي ڪا مند نه ٿيندي آهي“. اسان جي خيال ۾ اهي ٻئي ڳالهيون بلڪل درست آهن. يعني فيشن جي نه ڪا عمر آهي ۽ نه وري مند ئي آهي. هر عمر، هر موسم، فيشن لاءِ سازگار آهي. اهوئي سبب آهي جو هر قسم جو انسان هر وقت نت نئين فيشن ۾ مبتلا هوندو آهي. دوڪاندارن کي انسان جي ان اهم ڪمزوري جي چڱي ڀر جاڻ آهي. ان ڪري هو به ڪين وڌيڪ بيوقوف بڻائڻ لاءِ طرح طرح جا فيشن ايجاد ڪندا آهن ۽ خوب ناڻو ڪمائيندا آهن. انسان جو اهو جذبو، جنهن تحت هو ٻين کان مختلف يا نرالو نظر اچي، اڄ جو ناهي. جڏهن کان انسان هن ڌرتيءَ تي آيو آهي، هو هر طرح جا حيلا هلائي پاڻ کي ڌار، الڳ ۽ جدا ڪرڻ لاءِ جتن ڪندو رهيو آهي. اها هن جي فطرت به آهي ۽ مجبوري پڻ. ايتري قدر جو جيئڻ ته جيئڻ مرڻ ۾ به فيشن جو سهارو ٿو وٺي. ايئن ڪجهه ڏينهن اڳ اخبارن ۾ آيو هو ته هڪ ماڻهوءَ هوائي جهاز مان ٽپو ڏئي پنهنجي حياتي ختم ڪئي. ٻئي هڪ تمام اوچي بلڊنگ تي چڙهي ڀرين پاڻ کي باهه ڏني ۽ پوءِ ٽپو ڏئي ڌڙام سان اچي ڌرتيءَ تي ڪريو ۽ مري ويو. ٽئين، گهر ۾ دعوت ڪئي، ماڻهو ميڙيا، ڪين ماني کارائي ۽ پوءِ سندن سامهون بيهي پاڻ کي گولي هڻي ماري ڇڏيائين.

حياتيءَ ۾ ماڻهو عجيب و غريب حرڪتون ٿو ڪري، جن کي وار آهن، سي يا ته ڀاڪي گهمائي ڪنجا ٿا ٿين، يا وار وڌائي چوٽيون ٿا ڪرائين. ڪي وارن ۾ پيلا، ڳاڙها، ساوا، نيرا رنگ ڀري ”پنڪ“ ٿا سڏائين. عورتون مردن جا ڪپڙا ٿيون پائين ۽ مرد عورتن جا. بلڪ ڪي مرد ته ڪن ۽ نڪ ٽوپائي زيور به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيمر: اهي تہ ڳجهون پاليل ڪونہ هيون.

چيانين: تڏهن تہ ڪاني چلياٿونس. مان تہ پاليان ٿي ان لاءِ تہ تہ کهت ۽ کهت هڪ ڳجهہ جو ووت تہ منهنجي ڦاٿلي ۽ ويندو.

توهان اڪثر بازيگرن کي ڪوڪا، شيشا ۽ بليڊ ڪانئيندو ڏٺو هوندو. ڪي وري وات ۾ باهہ ٻاريندا آهن. ڪي باهہ تي هلندا آهن.

اهڙي ئي هڪ دوست کي مون چيو: اهو سيکجهہ ڇا جي لاءِ تو ڪرين؟

چيانين: بس ائين ئي. دل تي چوي.

چيمر: دل ڪجهہ پيو چو تني چوني؟

چيانين: چوندي آهي.

پڇيمر: مثلاً؟

چيانين: مثلاً ڪلهہ ڪنهن ماني ڪانئ تي بہ دل ٿيندي آهي.

چيمر: پوءِ ڪانئيندو آهين ماني؟

چيانين: ڪلهن ڪلهن. جلهن ڪو پيو بل پريندو آهي!

( ٢٩- فيبروري ١٩٨٨ع )

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪار وٺان.

چيم: اهو خيال ڪيئن آيئي؟

چيائين: فلاڻي سيٺ ڪي ڏسي.

چيم: هو تہ سيٺ آهي.

چيائين: مان شاعر آهيان.

چيم: شاعر ڪارن تي نہ گهمندا آهن.

چيائين: ڇو نہ گهمندا آهن؟

چيم: ان ڪري جو بجيٽ ڪان اڳ يا پوءِ، شعر جي قيمت ۾ اضافو ڪري ٿي نٿو سگهجي!

چاچي ڪوڙي خان کي ٻہ ريس ٿي. چيائين: فلاڻي خان وٽ پلو گهوڙو آهي، پاڻٽيا گهوڙو وٺي ڏي.

چيم: چاچا گهوڙو ڇا ڪندين؟

چيائين: ڀڄنديس.

چيم: جي وٺوني اٿي تہ پوءِ چڙهجانس. ڀڄنديس ڇو؟

چيائين: گهوڙي تي مان مري پوان، نہ چڙهان.

چيم: ڇو؟

چيائين: ننڍي هوندي مونکي ڇڪ پاتو هئائين.

چيم: پوءِ هاڻي گهوڙو خريدي ڇو ٿو پئسا وڃائين؟

چيائين: انڪري جو سائس پلاند ڪندس.

مان بہ ڪيس ڇڪ پائيندس!

ريس ۽ ساڙ جي ڪري اجايا خرچ وڌن ٿا، اجابون دشمنيون وڌن ٿيون، اجايا تعلقات خراب ٿين ٿا.

مونکي هڪڙو ماڻهو سڄهي جنهن پنهنجي پاڙي واري جي بنگلي جهڙو هوبهو بنگلو ٺهرايو.

پاڙي واري هڪ پٽ ڄمرائي ڇڏي.

هن همراه بہ هڪ پٽ ڄمرائي ڇڏي.

پاڙي واري ڇٽ ڄمرائي ڇڏي.

هن همراه به چٽ ڏهرائي ڇڏي.
ٻاڙي واري سڄي جاه ڏهرائي ڇڏي.
هن به سڄي جاه ڏهرائي ڇڏي.
ٻاڙي واري ڪَڏ ڪونائي.
هن به ڪَڏ ڪونائي.
ٻاڙي واري ڪَڏ ۾ پاڻي پريو.
هن به ڪَڏ ۾ پاڻي پريو.
تڏهن اوچتو اسان وارو يار ٻاڙيسريءَ وٽ پهتو ۽ چيائين: ٻانو، آخر مرضي ڇا اٿئي؟
ٻاڙيسريءَ چيو: مرضي اها اٿم ته ان تلاءَ ۾ ڏيندس نهو. تون به ڏيندين نهو. مان ٻاهر نڪري ايندس. پر توکي خبر پوندي ڪونه. تون ٻڏي ويندين. لله لله خير سلا!

(۲۵- اپريل ۱۹۸۳ع)

# ماهر

هر بيماريءَ جا اسپيشلسٽ پيدا ٿي پيا آهن. اڳي هڪڙو ڊاڪٽر هوندو هو. ڪابہ تڪليف ٿيندي هئي تہ صلاح بہ ڏيندو هو ۽ دوا بہ ڏيندو هو.
هاڻي پهريون پنهنجي ڊاڪٽر ڏي وڃو. اهو توهان کي ماهر ڏانهن موڪليندو. ماهر توهان کي صلاح ڏيندو. توهان موٽي وري پنهنجي ڊاڪٽر وٽ اچو. کيس احوال ڏيو. هو صلاح موجب دوائون لکي ڏيندو. توهان دوائون وٺو. ڪائو ۽ اهڙي طرح ماهر ۽ ڊاڪٽر جي وچ ۾ کيهلبا رهو. شفا خدا جي هٿ ۾ آهي، ملي وئي تہ ماهر داد گهرندو ۽ جي گذاري ويئو تہ توهان جي ڊاڪٽر تي ڏوهہ ڏيندو.
مان هڪ ماهر وٽ ويس.
ماهر گهڻيءَ دير تائين تپاس ڪان پوءِ چيو: پائو تون غلط جاءِ تي آيو آهين. دراصل توکي هن وقت قبرستان ۾ هئڻ گهربو هو.

مان اکين جي ماهر وٽ ويس.
چيم: نظر گهٽ ٿي پوي.
چيائين: امڙ، هيڏانهن اچي ويهو.
احتجاج ڪندي چيم: مان مرد آهيان، ڊاڪٽر صاحب.
چيائين: معاف ڪجو. دراصل منهنجي ماءُ جو بہ مردانو آواز آهي. توهان هيڏانهن اچي ويهو.
چيم: وينو تہ آهيان. اڃان ڪٿي ويهان؟
چيائين: وينا آهيو تہ پوءِ ٺيڪ آهي. ڪهڙي اک ۾ تڪليف آهي؟
ڏسان تہ سهي.

جڏهن نيهر به اعتبار نه آيس ته چيائين: تعجب آهي، تنهنجي دل ئي ڪونه ٿي هلي. تون جيترو ڪين؟ آهين؟

چيم: دل واري تار ته هٿ ۾ جهليو بيٺو آهين، هلندي وري ڪٿان؟ شاعر جي دل آهي، ريل گاڏي ته ڪونهي جو ڪٽاڪٽ هلي.

چيائين: جي چوين ته منٽ ۾ ريل گاڏي ڪري ڇڏيانس. جنهن کي تون دل واري تار ٿو چوين، سا بجليءَ جي تار اٿئي!

گلي جي ماهر وٽ ويس.

چيائين: ڇا تڪليف اٿئي؟

چيم: گلو خراب آهي.

چيائين: ڪٿيون مٺيون شيون نه کاءُ.

چيم: ڪونه کائيندو آهيان.

چيائين: قلفي فالوده نه کاءُ.

چيم: ڪونه کائيندو آهيان.

چيائين: ته پوءِ گلو ڇو خراب ٿيو اٿئي؟

چيم: سڄي رات شاديءَ ۾ ڳايو اٿم. گلو خراب نه ٿيندو ته پيو ڇا ٿيندو؟

چمڙيءَ جي ماهر ڏي ويس. چيم: ڊاڪٽر صاحب خشڪي ڏاڍي آهي.

چيائين: خشڪي ته مون کي به آهي.

چيم: خارش ٿي ٿئي.

چيائين: مون کي به خارش ٿي ٿئي.

چيم: ڪنهن ڪنهن اڌ مئو ٿي پيو آهيان.

چيائين: مان ڪنهن ڪنهن اڌ مئو ٿي پيو آهيان.

چيم: پوءِ؟

چيائين: پوءِ؟

چيم: پوءِ علاج ٻڌاءِ.

چيائين: علاج تون ٻڌاءِ ڪين، مان ٻڌايانس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيمر: ڊاڪٽر تون ڪي مان؟

چيائين: مان تہ مريض آهيان.

چيمر: مان بہ مريض آهيان. ڊاڪٽر ڪٿي آهي؟

اتي هڪڙو ماڻهو پٺي کنهندو اندر آيو. چيائين: معاف ڪجو مان ٿورو ڪنهن ويو هوس. هاڻي ٻڌايو، ڪهڙي تڪليف اٿو؟

(۵- مارچ ۱۹۸۲ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪمڪار

ڪجهه ڪم ڪار جي متعلق ڪارآمد گفتگو ٿي وڃي، مون کي خبر ناهي ته ڪم سان گڏ ڪار جو اضافو ڪهڙي خيال کان ڪيو ويو آهي، اها به خبر ڪانهيم ته اهو اضافو ڪڏهن ٿيو، ۽ ڪنهن ڪيو. صرف اها ڄاڻ اٿم ته ڪم ڪرڻ ايترو ئي ڏکيو آهي، جيترو ڪار يعني موٽر پالڻ.

موٽر پالڻ توهان کي ذرا عجيب لڳندو هوندو. پر حقيقت اها آهي ته اڳي ماڻهو هاٿي پاليندا هئا، ۽ هاڻي موٽر پاليندا آهن.

هاٿي پالڻ مان ڪجهه فائدا آهن ته ڪجهه نقصان پڻ آهن. هاٿي جيڪڏهن جيئرو آهي ته لک جو ۽ جي مئو ته سوا لک جو. ان ڪري توهان اڪثر هاٿي مئل ڏٺا هوندا. جي مئل نه هوندا ته مرڻ جي قريب ضرور هوندا. اعتبار نه اچيوَ ته پنهنجي ڪنهن ويجهي راڻي باغ ۾ وڃي ڏسو!

هاٿي کي اوهان ماري سوا لک روپيه ڪمائي سگهو ٿا پر موٽر کي ماريو يا جيئاريو، پئسا اوهان کي گهران ئي ڏيڻا پوندا.
پيٽرول جي قيمت هر روز وڌندي ٿي وڃي، جيڪڏهن اوهان جي موٽر زنده رهي ته پوءِ خطرو آهي ته ڪٿي ويچارا نه ڪنهن ڏچي ۾ اچي وڃن.

ها، سو اسان ڳالهه پئي ڪئي ڪم ڪار جي.
اڄڪلهه اسان جو هڪ ئي آواز، هڪ ئي صدا آهي، هڪ ڪيو ۽ گهڻو ڪم ڪيو. ان سلسلي ۾ گذريل هفتي اسان جي پاڙي ۾ هڪ ڪم جو انعامي مقابلو ٿيو. انعام کٽندڙ پاڙيسريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ ڳائڻي محفل ۾ ڪو ڪلام ڳايو. ٻڌندڙن هڪدم دانهن ڪئي: سائين اها مصرع وري ته ٻڌائجو.
ڳائڻي ڦوڪجي ٻيهر ساڳي مصرع دهرائي.
وري ڪنهن اٿي چيو ته سائين ساڳي آستائي وري ٻڌائجو.
ڳائڻي وري ڳايو.
اهڙيءَ طرح ڳائڻو ڳائيندو رهيو ۽ فرمائش ٿيندي رهي. جڏهن ڏهن ٻارهن دفعا ساڳي مصرع دهرائي چڪو تڏهن بيزار ٿي چيائين: اڙي بابا، هي ڇا ٿا ڪيو، ڪجهه اڳتي به ته ٻڌو.
هڪ ماڻهوءَ اٿي چيو: جيستائين اها مصرع سُرَ ۾ نه ڳائيندين تيستائين ٻيو ورجاءِ، تنهنجي اهائي سزا آهي.

(۱۲- مارچ ۱۹۸۱ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن ته ٻئي نقلي ڏنيون هڪ جهڙيون آهن ۽ هڪ ئي ڪمپنيءَ جون آهن، ان ڪري ٻئي ڄڻا هڪ ئي ڇوڪريءَ تي فدا ٿي وڃن ٿا. ٻر هيرونن ٻنهي کي ٺڪراڻي سندن ٻئي دوست مان شادي ڪري ٿي ڇڏي. نتيجي طور ٻئي پاڻ آپگهات ڪري ٿا ڇڏين.

ٻچيم: زهر کائي؟

ڇيائين: نه، دل بيماري.

ٻچيم: سو وري ڪيئن؟

ڇيائين: هڪ ٻئي جي دل جا ٻئي بند ڪري ٿا ڇڏين. نقلي دلين مان اهو ته فائدو آهي نه!

(٦- فيبروري ١٩٨٣ع)

ٻاڪو اها ڳالهه ٻڌي ڏاڍو کِليو ۽ چيائين: تون عجيب جادوگر آهين. هڪ معمولي ٽوپيءَ لاءِ ايترو پريشان آهين؟ مون کي ڏس، مون وٽ ڪا به ڪرشمي ٽوپي ڪانهي، ان هوندي به مان ڏينهن ڏٺي جو بنڪن لٽيندو آهيان، پر اڄ تائين مون کي ڪنهن به نه ڏٺو آهي!

(١٢- جولاءِ ١٩٨٣ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ١٣

گذريل ڏينهن ١٣ تاريخ هئي.
چوندا آهن ته ١٣ تاريخ ڪن ماڻهن جي لاءِ چڱي نه هوندي آهي.
ٻاڪ ڪي ته چوندا آهن ته ١٣ جو انگ ئي خراب هوندو آهي.
مان به انهن سان متفق آهيان، ڇو ته مان به ١٣ تاريخ ڄائو هوس، ۽ منهنجي گهر جو نمبر به ١٣ آهي، گهر ۾ ڀاتي به ١٣ آهيون ۽ رهندا به ١٣ نمبر گهٽيءَ ۾ آهيون.
هاڻي جتي ايترا سارا ١٣ اچي هڪ ئي وقت گڏ ٿيا هجن، اتي ڪهڙي خيريت هوندي؟
١٣ تاريخ تي بجلي وئي، پاڻي ويو، گيس وئي، مهمان آيا، بل آيا، دڙڪن جا خط آيا ۽ شام جو چور آيا.
سڀ ڪجهه آيو، مون ڪجهه نه چيو. ماٺ رهيس. پر جڏهن رات جو دير سان در کڙڪيو ته ننڊ مان اٿي پڇيم: ڪير؟
جواب آيو: ڀاڙي وارا.
چيم: ڇا آهي؟
چيائون: ٿوري ڪنڊ ڪپي، ڪجهه اٽو کپي، ٿورو لوڻ، ٿورا مرچ، چانهه جي پتي، کير ذري، ٿورو گيهه به گهرجي.
چيم: مهمان آيا اٿو ڇا؟
چيائين: نه، بجليءَ وارا لائين ٺيڪ ڪرڻ آيا آهن. چون ٿا ته ماني کارايو

اڄ ١٣ تاريخ مرن ميونسپالٽيءَ ۾ نون ڪئي.
پڇيم: مون کي اهڙي صاحب سان ڳالهائڻو آهي جيڪو پاڻيءَ سان واسطو رکندو هجي.
چيائون: رڳو پاڻيءَ سان نه ڪنهنجو واسطو ڪونهي، البت پاڻيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ڪچري ڦٽي ڪرڻ جي لاءِ. ماڻهون نه رڳو ان ڪوٺيءَ کي استعمال ڪندا آهن، پر رستي کي پڻ استعمال ڪندا آهن.
گذريل ڏهن سالن کان ان ڪوٺيءَ کي هٽائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪيم، سفارشون ڪيم، جهيڙا جهٽا ڪيم، ڦڏا فساد ڪيم، آزيون نيزاريون ڪيم، ڇئن ڇگن کان ڇوايم پر اها ڪوٺي نه ڊهڻي هئي، نه ڊٺي.
۱۳ تاريخ ڇا ڏسان ته ڪوٺيءَ جي صفائي ٿي رهي آهي.
ڇيم: ڇا ڳالهه آهي.
چيائون: انسپيڪٽر صاحب جي پوري ٿي پوي، سو هاڻي اها ڪوٺي مسواڙ تي ڏني اٿائين!
صفائي ٿا ڪيون جو مسواڙي ٿا اچن.

(۱۵- جون ۱۹۸۳ع)

چوتين الماري کولي وني.
منجهانس ڪجهه به نه نڪتو. بلڪل خالي هئي.
ڪلارڪ کان پڇير: هيءَ الماري ڪنهن جي آهي؟
چپڙاسين: نئين صاحب جي آهي.
چيم: نئين صاحب وٽ ڪو فائيل پائيل ڪونه هوندو آهي ڇا؟
چپڙاسين: هوندو ته آهي، پر هو ڏينهن کان وڌيڪ پاڻ وٽ رکي
نه ڪونه.
چيم: واهه! ايترو جلد نيڪال ڪري ڇڏيندو آهي؟
چپڙاسين: سائين: ساڙي ڇڏيندو آهي.
چيم: ساڙي ڇڏيندو آهي؟
چپڙاسين جي ها سائين. الماري خالي ٿيندي آهي ته گهر کڻائي
ويندو آهي!

نئن ڏينهن جي لڳاتار محنت کان پوءِ وڃي مشڪل سان "شفٽنگ"
پوري ٿي. نيٺ چاليهه ماڻهو ڏينهن رات ڪم ۾ لڳل رهيا. راتين
جي ننڊ حرام، ڏينهن جو آرام ختم.
ڪجهه سامان ڀڳو، ڪجهه ٽٽو، ڪجهه غائب ٿيو.
سامان سڙو رکي ايان ٿڌو ساهه مس پريوسين ته صاحب وري
ياد فرمايو:
چيم چا حڪم آهي صاحب؟
چپڙاسين: اڳيون نمونو ٺاهوڪو هو. مونو ته مونون.
چيم. توهان جو مطلب آهي ته پهر ساڳيءَ جاءِ تي موٽي هلجي
جتي پهريون هئاسين؟
چپڙاسين: بلڪل اهوئي مطلب آهي. اڄ بلڪ هينئر ني ڪم ني
لڳي ويو.
چيم: پر صاحب، آخر ڪر ته سبب هوندو؟
چپڙاسين هتي منهنجو مٿو ٿو ڦري!

(٢٨- فيبروري ١٩٨١ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڪاڻي توهان سمجهو ٿا نه؟ "ٻارو هڪڙو ٻانڊر هوندو هو—".
آڪاڻي* ڪان پوءِ مون ڪهاڻي لکڻ شروع ڪئي.
ڪهاڻي توهان سمجهو ٿا نه؟ "سيما هڪ اپاهج نوجوان خوبصورت ڇوڪري هوندي هئي—".
ڪهاڻي* ڪانپوءِ مون آڪهاڻي لکڻ شروع ڪئي.
"اڻان؟ نه آڻان؟ پلا ڇو اڻان؟ چڱو اڻان ٿو. پر نه مون کي اڻڻ نه کپرجي—".
آڪهاڻي* ڪان پوءِ هاڻي مان اآڪهاڻي لکندو آهيان.
يعني نه نه ڪهاڻي— "نٿو اڻان. هرگز نٿو اڻان. نٿو لکان بلڪل نٿو لکان. ڇا ڪندين؟"

هڪ نقاد کي چيم : ساهت سال بابت توهان جو ڇا خيال آهي؟
چيائين : نيڪ خيال آهي.
چيم ڇاجي باري ۾؟ ساهت جي باري ۾ يا سال جي باري ۾؟
چيائين : سالن جا سال گذري ٿا وڃن ساهت پڙهڻ لاءِ ملي نٿي ڪونه ٿو. پڙهڻ لاءِ ملي ٿو، ڏسڻ لاءِ ملي ٿو.
چيم: ته پوءِ الهي* جي باري ۾ ٿي ڪٿي ڪجهه ٻڌايو.
چيائين: ڪن ۾ اکيون قدرت جي نعمت آهن. انهن کي خواه مخواه ضايع ڪرڻ نه کپرجي. ۽ ها، بجلي به قدرت جي نعمت آهي، ان کي ته بلڪل ئي ضايع ڪرڻ نه کپرجي.
چيم : بجلي* جو ساهت سان ڪهڙو واسطو؟
چيائين : بجلي نه هوندي ته ريڊيو ۽ ٽي. وي ڪيئن هلندا؟

(١٧- جون ١٩١٨ع)

# حاتم

شهر ۾ خبر عام ٿي وئي ته حاتم طائي موٽي آيو آهي. اعتبار ئي نه پئي اچي. ڳالهه ميڻ کان مٿي هئي.

حاتم طائي ۽ هن زماني ۾؟ ڪوڙو ٿي نه پيو لڳي.

پر حيرت جي انتها ان وقت ٿي جڏهن پنهنجن اکين سان نه رڳو سائنس دعا سلام ٿي بلڪ ڪلام پڻ ٿيو.

ٿيو هيئن جو مان هڪ شاديءَ ۾ ويل هوس..

نڪاح جي وقت جڏهن گهوٽ کان منظوري ورتي پئي وئي، تڏهن اوچتو گهوٽ پيءُ اٿي بيٺو ۽ گرجدار آواز ۾ چيائين: ترسو، هيءَ شادي نه ٿيندي.

ڪنوار پيءُ روئندي چيو: اهڙو ظلم نه ڪر سائيندا، مان تباهه و برباد ٿي وينديس.

گهوٽ پيءُ چيو: ته پوءِ ٻڌ، منهنجا ست سوال آهن. جيستائين تون کي اهي پورا ڪرڻا پوندا.

اتي هڪ شخص اٿي بيٺو ۽ چيائين: اهي ست سوال مان پورا ڪندس.

حاضرين حيران ٿي ويا. پڇيائون: تون ڪير؟

چيائين: مان حاتم طائي آهيان!

گهوٽ پيءُ جو پهريون سوال هو ته منهنجي ننڍي پٽ کي اسڪول ۾ داخلا ڏيارڻ وڃي.

حاتم طائيءَ چيو: اها ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي؟ پاڙي جي سرڪاري اسڪول ۾ اجهو ٿا داخلا وٺي ڏيون.

گهوٽ پيءُ کليو. چيائين: جي نه، داخلا انگلش ميڊيم اسڪول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن حال احوال ٿيا تڏهن ٻار کان پڇيائون:
ڪر خبر ٻڌ، پشاور ڪيئن ٿا ٻهتين؟
ٻار چيو: ڇا جو پشاور؟ مونکي ته اهوئي ماڻهو پنهنجي گهر وٺي
ويو هو!

صبح ساڻ دروازي جي گهنٽي وڳي.
اکيون مهٽيندو در تي پهتس. هڪ ماڻهو بيٺو هو.
چيم: ڇا حڪم آهي؟
چيائين: توهان جي هڪ دوست خير محمد ڪوکن واري جو حادثو
ٿي پيو آهي.
چيم: ڪٿي آهي؟
چيائين: اسپتال ۾ آهي. خون جي سخت ضرورت اٿس. ٻيا ته سڀ
پئسا گڏ ڪري ورتا اٿئون صرف سٺ روپين جي گهرج آهي.
چيم: تون ڪير؟
چيائين: مان سماجي ڪارڪن آهيان.
هڪدم سٺ روپيه ڏني کيس روانو ڪيم.
اسپتال وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هوس ته خيرمحمد ڪوکن وارو
خود اچي پهتو.
حيران ٿي چيم: تون؟
هن به حيران ٿي چيو: تون؟
چيم: تون ته اسپتال ۾ هئين؟
چيائين: تون به ته اسپتال ۾ هئين. اجهو هينئر ئي ته هڪ سماجي
ڪارڪن سٺ روپيه تنهنجي خون لاءِ وٺي ويو آهي!

منهنجي گهٽيءَ جي گٽر جو ڍڪڻ جو ڪو چوراڻي ويو.
ڊپ ٿيم ته متان ڪو ٻار نه ڪري پوي، ان ڪري شڪايت
ڪرڻ لاءِ ڪي ايم سيءَ روانو ٿيس.
در کان ٻاهر مس نڪتس ته هڪ ڪارڪن ٽڪرجي ويم.
چيائين: توهان ضرور هن گٽر جي ڍڪڻ لاءِ پريشان هوندا.

هڪ سماجي ڪارڪن خاتون سان ملاقات ٿي.
وار سنواريندي چيائين: مان سماجي ڪارڪن آهيان. هن ملڪ جي عورتن جي بهبود لاءِ ڪم ڪندي آهيان.
چيم: ڇا ڪندا آهيو؟
ساڙهيءَ جو پلئه ليڪ ڪندي چيائين: سندن معاشي حالت سڌارڻ لاءِ ڪوشش ڪندي آهيان.
چيم: ڪهڙيءَ طرح؟
منهن تي پائوڊر ٿڦيندي آئيني ۾ ڏٺائين، پوءِ مونڏي نهاري چيائين: ڪين بوٽ ۽ قناعت سيکاريندي آهيان.
ائين چئي، نوڪر کان ڪڻتو ڪٿايائين ، نئين ڪار ۾ ويٺي ۽ زورات ڪندي هلي وئي!

هڪ ٻي سماجي ڪارڪن جيڪا لاوارث ڇوڪرين جي شاديءَ جي سلسلي ۾ اڪثر اسان وٽ ايندي آهي ۽ ڪجهه نه ڪجهه وٺي ويندي آهي، ان کان پڇيم:
”محترمه- اوهان ته نهايت نيڪ ڪم ڪري رهيون آهيو. خدا اوهان کي ان ڀلائيءَ جا ٻاڙا ضرور ڏيندو. پر اهو ته ٻڌايو ته ڇوڪرين کي ڏاج ۾ ڇا ڇا ڏينديون آهيو؟
چيائين: فرج، ٽي وي، ڪار ۽ فليٽ.
چيم: وهه واهه ! اهو ته ڀلو ڪم ٿيو. ڀلا هن وقت تائين ڪيترين ڇوڪرين جون شاديون ڪرايون اٿو؟
چيائين: ٽن جي شادي ڪرائي اٿم. باقي ٻه نياڻيون اجان ٻه گهر ۾ ويٺيون اٿم!

(١٩- جولاءِ ١٩٨٣ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چياڻين: اهو هين ته سچو سال ته خيرن سان گذري ٿو وڃي ڪچهري ۾. امتحان وارا ڏهاڙا نه جيڪي ها ڪلاڪ روز چپ ڪري ٿا ويهون، اهي ماري ٿا وجهن.

منهنجو هڪڙو مائٽ جاني چم ڪان گونگو به آهي ۽ ٻوڙو به آهي نه ٻڌي نه ڳالهائي.
ننڍڙي عمر ۾ ته خير ڪيس به فڪر ڪونه هو، پر جڏهن وڏو ٿيو ته سڀني کي ڳڻتي ٿي ته جوان جماڻ ڇوڪرو گهر ۾ بيڪار ويٺو آهي، هن لاءِ ڪجهه ڪرڻ گهرجي.
منهنجو هڪڙو دوست ڏاڍو قابل ڊاڪٽر آهي. ان ڪري ڇوڪر کي وٽي ڊاڪٽر وٽ آيس. چيومانس: ڊاڪٽر صاحب هن جو ڪو علاج ڪر جو ڳالهائي ٻولهائي سگهي.
ڊاڪٽر چيو: ادا، نئو ڳالهائي ته ڏاڍو چڱو. ڳالهه ڪرڻ کان ڇٽو پيو آهي. نٿو ٻڌي ته به سٺو. ڳالهه ٻڌڻ کان ڇٽو پيو آهي.
چيم: پر ڪو روزگار به ته ڪري نه آخر.
چياڻين: هن کي اهڙو ڌنڌو وٺي ڏيو جنهن ۾ نه ڳالهائڻو پوي نه ٻڌڻو پوي.
چيم: اهڙو ڪهڙو ڌنڌو آهي ڊاڪٽر صاحب؟
چياڻين: اسڪول ۾ ماستري وٺي ڏينس نه ادا!

(٦- مارچ ١٩٨٣ع)

ڇيائين: اسان ڪي ته ڇيائين ته خدانخواسته! وهان جي وڏن جو نيجهو آهي سياڻي!

فقيرن جو هڪ وڏو ڪنڪ ڪاهي آيو. اچڻ شرط ڪي پيرن تي ڪري پيا، ڪي هٿ چمڻ لڳا، ڪي ڳرانڙيون پائڻ لڳا ته ڪي ڪيسا جاچڻ ڪي لڳي ويا.
تنگ ٿي چيم: ڇا ڳالهه آهي بابا؟ مکين وانگر چنبڙي ڇو ويا آهيو؟
فقيرن جي ليڊر چيو: اسان ڪان ڪا! ڳالهه ڳجهي ناهي بابا.
فقيرن سان پئي اٿئي!
چيم: ڪهڙي ڳالهه جي ڳالهه ٿا ڪيو؟
ڇيائين: اڪي لڪي شادي ٿو ڪرين ۽ خيرات ڏيندي پرو ٿو چڙهئي؟ فقيرن سان پئي اٿئي!
چيم: مون توبهه ڪئي شادي ڪان. مونکي رڳو معافي ڏيو.
ڇيائين: اهي لفظ ته تون روز چوندو آهين. اڄ معافي نه ملندي.
فقيرن سان پئي اٿئي!
چيم: ته پوءِ خيرات وٺو، جان ڇڏيو.
ڇيائين: خيرات نه گهرجي بابا. پٽ ڪائبو پٽ! فقيرن سان پئي اٿئي!
چيم: شادي ئي ڪونه ٿو ڪيان ته پٽ وري ڪٿان ايندو؟
ڇيائين: شادي ڪرين نه ڪرين، اها تنهنجي مرضي. اسان ڪي پٽ ڪارا هه فقيرن سان پئي اٿئي!

( ١٣- فيبروري ١٩٨٣ع )

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ ڪجهه ڏئي وٺي رات جو ڏهين بجي ڊاڪٽر صاحب جي حوالي ٿياسين.

ڊاڪٽر چيو: ڀهريون ايڪسري ٿيندو.

چيوسين: ايڪسري حاضر آهي.

ڊاڪٽر چيو: ايڪسري ته حاضر آهي پر ايڪسري ڪيڏي وارو غائب آهي. هيءُ ايڪسري نڪرندو. هن مان ته خبر ئي نٿي پوي ته پانهن جو آهي يا مٿي جو آهي.

چيوسين: پانهن جو آهي.

چيائين: ڪمال آ، ڊاڪٽر مان آهيان يا توهان؟

چيوسين: توهان.

چيائين: ته پوءِ مون کي سوچڻ ڏيو.

ڪجهه سوچي پوءِ چيائين: توهان هاڻي هيءَ ڪيو جو ٻاهر هليا وڃو. مان پانهي ٻار جي پانهن تي پلسترچڙهڻان.

چيم: ٻار اڪيلائيءَ ۾ روئندو.

چيائين: جنهن جي پانهن پڳل هوندي، سو روئندو ته ضرور پر جي توهان هت موجود هوندا ته پوءِ توهان ٻه روئي پوندؤ. انڪري هلو ٻاهر.

لاچار ٻاهر اچي ويٺي رهياسين.

اڌ ڪلاڪ کان پوءِ اندر سڏ ٿيو، جا ڏسون ته ڀڳل پانهن ته اهڙي جي اهڙي پئي آهي، پلستر ٻئي پانهن تي چڙهيو پيو آهي.

چيم: ڊاڪٽر صاحب، هي ته ڪم ئي غلط ٿي ويو.

چيائين: ميان. جي ايڪسري جي چوڻ تي هلان ها ته اهو پلستر ٻار جي مٿي تي لڳل ڏسين ها.

هيءَ ته مون عقل جي دوڙ ڪئي آهي!

(٢٣- مئي ١٩٨١)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنگ ڪرڻ جو آسان طريقو اهو آهي ته توهان به هڪ تواريخ لکو جنهن ۾ پنهنجي خوب واکاڻ ڪيو ۽ مفت ۾ ورهايو. اڳتي الله ڪارساز آهي.

سوال نمبر ٤: ڪيو آهي هڪ انجنيئرنگ جي شاگرد رب ڏني، حيدرآباد کان.
چوي ٿو ته: منهنجي مٽي ۾ ڏاڍو سور ٿو رهي. خاص طور سان جڏهن منهنجو ڀاءُ زور زور سان ريڊيو هلائيندو آهي، ساڳئي وقت ڀڻ ڪئسيٽ پليئر هلائيندي آهي، بابا ٽي. وي هلائيندو آهي، پاڙي اوڙي وارا زور زور سان رڪارڊنگ ڪندا آهن ۽ مان پڙهڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان.
منهنجي خيال ۾ ڪنهن ونامن جي کوٽ اٿم. صلاح ڏيندا.

جواب ۾ عرض آهي: ادا رب ڏنا ته کوٽ توهان کي بلڪل آهي ۽ اها کوٽ ونامن جي نه بلڪه هڪ عدد جهڳڙالو زال جي آهي. اها پوري ڪيو، اول خير ته مهيني کن ۾ اوهان رب وٽ پهچي ويندا.

سوال نمبر ٥: سکر کان درگاهي لکيو آهي ته: منهنجو گهر روهڙيءَ ۾ آهي ۽ نوڪري سکر ۾ آهي. مسافريون ڪري ڪري ٿڪجي پيو آهيان. اهڙو ڪو نسخو ٻڌايو جو پرديس مان بدلي ڪرائي پنهنجي ڳوٺ اچان.

ڀائو درگاهي، توهان سان وڏو ظلم آهي. ظالم سماج نه رڳو توهان کي پرديس موڪليو آهي، بلڪه وچ درياءُ به وهائي ڇڏيو آهي. اهڙو ناحق ڪنهن سان ڪونه هوندو. اهو توهان جو جگر آهي جو اڃان تائين جيئرا آهيو، ورنه منهنجي هڪ عزيز کي رڳو گهر کان ڏهه قدم پري، رستي جي ٻئي پار نوڪري ملي هئي ته هنيانءُ ڦاٽي پيو هوس!

سوال نمبر ٦: نواب خان لکيو آهي ته مان هڪ نواب خاندان جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نواب فرد آهيان. اسان جي ڳوٺ جو نالو بہ نواب پور آهي. مان نوجوان، خوبصورت، خوب سيرت، اڻ پڙهيل ۽ بي روزگار آهيان. جوان ٿيو تہ ڪنهن نوابخاندان ۾ شادي ڪري باقي زندگي آرام سان گذاريان. مهرباني ڪري منهنجي مدد ڪندا.

ڀاءُ نواب خان، هڪ تو جهڙو ٻي نواب خاندان مونکي سجهي ٿو. ڇوڪريءَ جو پيءُ جيل ۾ آهي ۽ ڀاءُ ريل ۾ ماڻهن جا کيسا ڪپيندو آهي. ڪيس هڪ مائيءَ جي ضرورت آهي. جي هجني منظور تہ هلايون ڳالهيون. پوءِ ڪڻن ڀاڳ!

سوال نمبر ۷: لکيو آهي ڪڏڙي ڪان حسين خان.
ڇوي ٿو تہ: منهنجو رنگ ڪارو، منهن تي داغ، قد ننيڍڙو، ٻانهون وڏيون، ٽنگون ڇپيون، نڪ بينو، ڪنڌ مڙيل ۽ ڇيلهہ ڦڏي آهي. صلاح ڏيو تہ ڇا ڪيان؟
جواب ۾ عرض آهي ڀاءُ حسين خان تہ توهان هڪدم پنهنجو نالو بدلائي ڇڏيو!

(۲۰- جون ۱۹۸۳ع)

# مهانگائي

ڪجهه ڏينهن اڳ جي ڳالهه آهي. مان صبح ساجهر اٿيس. مزور پاڙي ڪري، ڳوٺ نوٽن جي ڪانش مٿي تي ڪٿائي سڌو سنئون بينڪ ۾ وڃي پهتس.

ڳوٺ نوٽن جي ذمي ماڻهون وانڊا ٿي وياه پڇيائون: لانري نڪتي اٿئي ڇا؟

چيم: نه.

چيائون: تازو بيءُ گذاري ويو اٿئي ڇا؟

چيم: نه.

چيائون: ڌاڙو هنيون اٿئي ڇا؟

چيم: نه.

چيائون: پيٽرول جو واپاري آهين ڇا؟

چيم: نه.

چيائون: ته پوءِ هيترا سارا پئسا ڇو آندا اٿئي؟

چيم: گئس جو بل ڀرڻ آيو آهيان!

بل گئس جو هجي يا بجليءَ جو، ٽڪيٽ بس جي هجي يا ريل جي، اڳوڻا ڪيسا هالي ڪم جا نه رهيا آهن. ڪنهن زماني ۾ ماڻهون خرزينون نائي جون کڻي گهمندا هئا. هاڻي اسان کي به اهڙيون ئي خرزينون خريد ڪرڻيون پونديون.

مون واري پٽ چيو: بابا خرچي ڏي. ڪئي آهي.
انهن چئي ٻروڙ پاڻي ڳوڙري
پڇيم: هن ۾ ڇا وٺندين پٽا؟
چيائين: وٺندس وري ڇا؟ هن ۾ ته خرچي وٺندس بابا!

ڪجهه ڏينهن ٿيا جو آفيس جا ڪجهه فائل ڏٺن رهجي ويا، سو

ڊرامون ڪرڻ ڪا سولي ڳالهه ڪانهي، رت ولوڙڻو ٿو پوي رَت،
پر شوق، آڌو ته پڪھر به پاٽي آهي. ڊرامون ڪهڙي باغ جي
مولي آهي؟

هڪ مشهور فلمي هيرو اسان جو يار آهي.
انهنجي زماني ۾ ڏهن ڏهن فلمن ۾ هڪ ئي وقت ڪم ڪندو هو.
پيءُ جو ميڪ اپ لاهي، پٽ جو ڪندو هو، پٽ جو لاهي پوٽي
جو ڪندو هو. پوٽي جو لاهي ڏوهٽي جو ڪندو هو. واندڪائي
اصل ڪونه هوندي هئس.

هاڻي واندو آهي. ڊراما ڪندو آهي.
هڪ ڊرامي ۾ نپو ڏناڻين ته ڏنگ پڇي ٻس.
چيومانس: فلمن ۾ ته ڏهه ماڙ بلڊنگ تان ٽپو ڏيندو هئين پر وار به
ونگو نه ٿيندو هيئي، هاڻي ڇا ٿيو اٿئي؟
چيائين: هاڻي ڪياڙي اچي لڳي آهي يارو!

مون وٽ هڪڙو همراه آيو. ويٺو، حال احوال ٿيا.
چيائين: ڊرامون ڏو ڪيان.
چيم: سٺو خيال آهي.
چيائين: فنڪار جي پارن لاءِ ڪپڙا خريد ڪبا.
چيم: اهو به سٺو خيال آهي.
چيائين: ڪهاڻي مفت ۾ لکائبي، فنڪار مفت ۾ گهرائبا، ميوزڪ
مفت، پردا مفت، ميڪ اپ مفت.
چيم: اهو به تمام سٺو خيال آهي.
چيائين: ته پوءِ لکي ڏيو مفت ڪهاڻي.
چيم: اهو ته ٺيڪ آهي، پر ڪهڙي فنڪار جي پارن لاءِ ڪپڙا
خريد ڪندين ڊرامي جي آمدنيءَ مان؟
چيائين: ڇو؟ توکي مان فنڪار نظر نٿو اچان ڇا؟

ڊرامون هليو پئي.

بادشاهه سلامت جي دربار لڳي پئي هئي، امير امراءَ ويٺا هئا، شاهي ڪوءِ ٻلٽي مٿان ٻاٽو پئي هڻيون.

ٻانهيون مورڇل سان هوا ڪري رهيون هيون.

دربان هٿن ۾ چانديءَ جا ڏنڊا جهلي ٻاادب بيٺا هئا.

بادشاهه سلامت تخت تي اڌ ليٽيو پيو هو. انگورن جي ڇڳي مان هڪ هڪ ڪري پئي کاڌائين.

ايتري ۾ ڊائريڪٽر اسٽيج تي ڪاهي آيو.

بادشاهه کي ڳچيءَ کان جهلي ڇڪي اُٿاريائين. چيائين: نڪر هتان. ٻه گهرجي مونکي تو جهڙو بادشاهه. خدا جي ڇڱائي ڏيئي مير انگور تون کائي وڃين، باقي اسان ڪمايو ڏوڙ؟

( ٦- جون ١٩٨٣ع )

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر ٿي وسري ويو آهي.

چمن. ڇو؟ توهانجا ته اڃ ب پرستار موجود آهن.

خوش ٿي پڇائين: تو کي ڪيئن خبر پئي؟

چمن: خبر هئين پئي جو اڄ کان ڪالهه رستي تان پئي آيس ته ڏٺم ته سوين ماڻهون توهانجي جوڌاري مڙيا بيٺا هئا. سمجهيم ته اڄان مقبول آهين ماڻهن ۾.

چيائين: نه منهنجا بابا! اهي ته سڀ قرضي هئا يار!

(۴- اپريل ۱۹۸۷ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# موٽر

دنيا ۾ هر ڳالهه جا ٻه پهلو ٿيندا آهن. هڪ اونڌو ٻيو روشن. ڪا به شئي وٺو، جتي منجهس ڪجهه خوبيون هونديون، اتي اوتريون يا ان کان وڌيڪ خرابيون به هونديون. جتي چڱايون هونديون، اتي مٺايون به هونديون. ان ڪري چڱي کي چڱو ۽ مٺي کي مٺو چوڻ کان اڳ انهن جو ٻيو پاسو به ڏسڻ گهرجي.

خبر پئي ته ڪا به شئي يا انسان مڪمل طور خوبين جو مجسمو به ناهي ۽ خرابين جو مجموعو به ناهي.

چار پئسا ٿيم ته سوچيم ته گاڏي وٺان. مائٽن چيو ته مينهن وٺ. تازو کير پيو ملندئي.

چيم: نه، گاڏي وٺندس، سواريءَ جي ڪم ايندي.

چيائون: سواري ته ڀلي ڪر، پر ڏهنديس ڪينءَ؟

گاڏي وٺڻ ويس ڪار ڊيلر وٽ.

پڇيائين: ڇا گهرجي؟

چيم: گاڏي.

چيائين: اهو ته مان به سمجهان ٿو ته ڪڙو تيل وٺڻ ڪونه آيو آهين. ڪهڙي گاڏي گهرجني؟

چيم: مڙني جيڪا چڱي هجي.

مون کي هيٺ کان مٿي چڱيءَ طرح جاچي ڏٺائين. پوءِ چيائين:

پگهار گهڻي اٿئي!

چيم: هزار روپيه.

چيائين: گهر ۾ ڀاتي گهڻان آهيو؟

چيم: اٺ، مون سوڌا.

چيائين: هاڻي ڪڙو ڪم ڪر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيمر. حڪم ٿئي.
چيائين: گاڏيءَ جو خيال لاهي ڇڏ.
جيمر: اهو وري ڇو؟
چيائين: اهڙي ڪابه گاڏي اڃان تائين ايجاد نه ٿي آهي جيڪا هڪ هزار روپيه ماهوار پگهار تي اٺ ڀاتي به پالي سگهي ۽ پاڻ به زنده رهي سگهي. تون ڏانگو وٺ. صبح جو آفيس چڙهي وڃينس ۽ شام جو پاڙي تي هلائينس.
جيمر: گهوڙي کي ڪير ڪارائيندو؟
چيائين: گهوڙو توکي ڪارائيندو. توکان وڌيڪ سياڻو جانور آهي.

مان ڪار ڊيلر جي ڳالهه سان متفق نه ٿيس. جيمر: نه، مون کي ڏانگو نه گهرجي. موٽر گهرجي.
چيائين: موڙي وڃ.
جيمر: هرگز نه.
چيائين: لاهه نڪري ويندئي.
جيمر: ڀلي نڪرن.
چيائين: خرچن ۾ کپي ويندين.
جيمر: موڙني خير آهي. تون گاڏي ڏيکار.
چيائين: پيسا گهڻا آندا اٿئي؟
جيمر: ڏهه هزار روپيه.
هو اٿيو. هڪڙي راندڪن جي دوڪان تان ننڍڙي موٽر کڻي مون کي هٿن ۾ ڏنائين.
جيمر: هي ڇا؟ هن کي ڇا ڪندس؟
چيائين: هن کي وجي پال. ڏهن پندرنهن سالن ۾ وڏي ٿيندي پوءِ چڙهي گهمجانس!

موٽر خريدڻ جو شوق ماري وڌو هو. سياڻن جي صلاح عقل تي اثر نه پئي ڪري. چوان اجهو ڪا گاڏي وٺان ته وڃي گهر ڏيکاريان ته هي ڏ..و، هاڻي مان به وڏو ماڻهون ٿيو آهيان.

جيائين: جي تون وچين ته ٻوه گاڏي هت بيهندي. ۾ جي تون
چهين ته ٻوه ٻلي گاڏي وچي ڏوڪڙ ٻني اچي!

جيئن تيئن ڪري ٻمپ واري ڪان جان ڇڏايم. گهر پهتس سس ته
ٻولِيس ڦري آيم.
چيم: هاڻي وري ڇا ٿيو؟
چيائون: تون ۽ گاڏي ٻئي ٿاڻي تي هلو.
پڇيم: ڪهڙو ڏوهه، ڪهڙي خطا، ڪهڙو گناهه؟
چيائون: اهو ته ٿاڻي تي هلي ٻڌائينداسونهه.

چپ چاپ ساڻن گڏجي ٿاڻي تي پهتس. ٿاڻيدار ميون تپائيندي چيو:
اڙي 'ها گاڏي تنهنجي آهي؟
چيم: جي ها.
چيائين ڪٿان لڌئي؟
چيم: ورتي اٿم سائين.
چيائين: ورتي اٿئي؟ وڪامن ٿيون ڇا؟
سان چپ.
چيائين ماڻهن دانهن ڏني آهي. جتان جتان تنهنجي گاڏي لنگهي
آهي، اتان اتان ماڻهن جي گهرن جون ڇتيون ۽ پٽيون ڪري پيون
آهن. تنهنجي گاڏيءَ ته باهه ٻاري ڏني آهي ميان. ايڏو گوڙ ڪبو
آهي شهر ۾؟
چيم: نه سائين، اهو ڪوڙ آهي. ماڻهو سڙن ٿا.
چيائين: هائو؟ ڀلا هن ڪي سڃاڻين ٿو؟
انهن چئي خير محمد ڪوڪن واري ڪي وٺي آئي آڏو بيهاريائين.
چيم: ها سائين، هيءُ منهنجو ٻاڙيسري آهي. خير محمد خان
خوش آهين؟ هت ڪيئن آيو آهين؟
چيائين: اهي گهر ۾ آهن.
چيم: ڪنهنجي ٿو ڳالهه ڪرين؟
چيائين: انهن روهڻين ٻاهه.

جيمر: ڇا ٿي ويو اٿئي؟
ڇيائين: ڇڪو، ڪلچي هلنداسين.
ٽائيدار ويجهو اچي چيو: ٻڌايانءِ ته هن ڪي ڇا ٿيو آهي؟ تنهنجي موٽر ڀورڙو ڪيو اٿس!

( ١٩- فيبروري ١٩٨٣ع )

# داخلا

اسانجو پاڙيسري الهندو خان ڪالهه مون وٽ آيو. چيائين: هڪڙو عرض آهي.

چيم: حڪم.

چيائين: بينڪ کان پنجاهه هزار روپيه قرض کڻڻو اٿم، ان لاءِ ضامن جي ضرورت آهي.

چيم: ضامن ٿيڻ لاءِ تيار آهيان پر ايترو ٻڌاءِ ته ايترا سارا پئسا ڪنديون ڪيڏانهن؟

چيائين: ڳالهه ئي نه پڇ.

چيم: واپار ڪندين؟

چيائين: نه.

چيم: فليٽ وٺندين؟

چيائين: نه.

چيم: ٻاهر ويندين؟

چيائين: نه.

چيم: ته پوءِ ڀلا پنجاهه هزار ڇو کڻڻ؟

چيائين: ٻارن جي في ڏيڻي آهي.

چيم: ٻارن جي في؟ پنجاهه هزار روپيه؟

چيائين: پنج ٻار پڙهندا اٿم. اسڪول وارا ٻهريون هر مهيني نئن مهينن جي في هر مهيني اڳواٽ وٺندا رهندا هئا، پوءِ ڇهن جي، پوءِ پنجن جي، پوءِ سال جي — ۽ هاڻي ٿا چون ته ١٩٩٩ع تائين جي في اڳواٽ ڏني ڇڏيو نه ته نالو ڪٽي ڇڏينداسين!

اسڪولن ۾ داخلا جو مسئلو ته خير ڪڏهن وقت کان موجود آهي. مثلا اسڪول تمام ٿورا آهن، انڪري انهن تي ماڻهن جي رش رهندي ئي آهي. ڪجهه عرصو اڳ ٻڌو هئوسين ته اهڙن اسڪولن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بجيٽ

بجيٽ اچڻ واري آهي،

هر سال جڏهن به بجيٽ اچڻ واري هوندي آهي، تڏهن واپاري، دوڪاندار، هوٽلن وارا، گوشت وارا، ڀاڄيءَ وارا شين جو اگهه اڳواٽ ئي وڌائي ڇڏيندا آهن.

ڪي واپاري ان ڪم جي لاءِ رمضان شريف جو پلارو مهينو به چونڊيندا آهن. پر هن سال جيئن ته ٻئي موقعا گڏ وگڏ اچي رهيا آهن، تنهنڪري عام ماڻهن جو ساهه مٺ ۾ آهي.

هرڪو ڊڄي ڊڄي اگهه ٿو پڇي ته ڪٿي ڏنگجي نه پوان.

مون هڪ ميوي واري کان پڇيو: هنداڻون گهڻي سير؟

ڏيرج سان چيائين: تڪڙ نه ڪر صاحب، آرام آرام سان پڇ.

چيم: ڇا مطلب؟

چيائين: پهريون تولي جو اگهه پڇ، پوءِ پاءَ جو، پوءِ اڌ سير جو، پوءِ جي هوش ۾ هجين ته سير جو به پڇي وٺجانءِ. جن هڪدم سير جو اگهه پڇيو، سي وري سنوان نه ٿيا.

مون سوچيو ته بجيٽ اچڻ کان اڳ واپارين ۽ عام ماڻهن جو تاثر معلوم ڪيان. ان ڪري ڪجهه ماڻهن جا انٽرويو وٺي ورتم، توهان به پڙهو.

پهريون مليم هڪ ڪاسائي.

چيم: ڪاسائي صاحب، بجيٽ متعلق توهان کي ڇا چوڻو آهي؟

چيائين: چوڻو وري ڇا آهي؟ ٻه روپيه ڪلو تي اگهه وڌائي ڇڏيو اٿم.

چيم: پر بَجيٽ کان اڳ ڇو؟ سندس اچڻ جو انتظار نه ڪيو هاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ سڀني وچنڀي نه ڇنڇان۾

منهنجي پٽ هڪ ڏينهن چيو: بابا، پنج روپيه ڏيو.

چيم: ڇو پٽ، ڇا ڪندين؟

ڇيائين: ماستر صاحب چيو آهي ته هر ڀار پنج روپيه کڻي اچي.

چيم: پر ڇا جي لاءِ بابا؟ في ته سموري ڏيون ٿا، پوءِ هي پنج روپيه ڇا جا؟

ڇيائين: ماستر صاحب کي کپرجن.

چيم: ڇا ڪندو ماستر؟

ڇيائين: خبر ناهي.

چيم: گذريل مهيني به تو ڏهه رپيه ماستر صاحب جي ناليِ تي ورتا هئا.

ڇيائين: اهي ته ماستر صاحب کي چندي ۾ ڏنا هئاسين. سندس گهر ۾ چوري ٿي وئي هئي.

چيم: ته پوءِ هاڻي ڇوڻو کهري.

ڇيائين: شايد چوري ليِي وئي اٿس. ان خوشيءَ ۾ مٺائي ورهائيندو.

(٢٢- مئي ١٩٨١ع)

# خريداري

شهر ۾ خريداريءَ لاءِ ويس. چيم: بليڊ گهرجن.
دوڪاندار چيو: بليڊ ڪونهن.
چيم: صابڻ گهرجي.
دوڪاندار چيو: صابڻ ڪونهي.
چيم: گيهه گهرجي.
دوڪاندار چيو: گيهه ڪونهي.
چيم: پلا ڇا اٿئي؟
دوڪاندار چيو: سڀ ڪجهه آهي.
چيم: سڀڪجهه آهي ته پوءِ اهي شيون ڇو ناهن؟
چيائين: اهي به ملي وينديون.
چيم: ڪڏهن؟
چيائين: جڏهن بجيٽ ايندي.
چيم: بجيٽ ڇا ڏيندي آهي؟
چيائين: بجيٽ اها چابي آهي جنهن سان گدامن جا تالا کولي سگهبا آهن، دوڪاندارن جي زبان کولي سگهبي آهي ۽ گراهڪن جا کيسا کولي سگهبا آهن.

بجيٽ هر سال ايندي آهي. ڪهڙيون شيون غائب ڪندي آهي، ڪهڙيون شيون مهانگيون ڪندي آهي، ڪهڙيون شيون روئاريندي آهي، ۽ پوءِ ٻئي سال اچڻ جو وعدو ڪري هلي ويندي آهي.
پنهنجي گهرواريءَ کي چيم: تو ۾ ۽ بجيٽ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
چيائين: فرق صاف ظاهر آهي.
چيم: ڪهڙو؟
چيائين: بجيٽ روئاريندي اٿئي ته مان پرچائيندي آهيانءِ. مان روئاريندي آهيانءِ ته بجيٽ ويجهو به ڪونه ايندي اٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: بجيٽ ٻڌي اچي.
چيم: بجيٽ جو اِن ڳالهه سان ڪهڙو واسطو؟
چيائين: بنگلن ۾ سمورو مال رکيو اٿم لڪائي، هاڻي رهڻ لاءِ جاءِ ڪانه بچي اٿم!

بجيٽ ڪاري، بجيٽ ماري، بجيٽ جياري.
عام ماڻهوءَ کي ته ڪل به ڪانه پوندي ته ڇا وهيو ڇا واپريو. ها، البت صنعتڪار ۽ واپاري سڄو مال اڳيون آپ ۾ وجهيو ويٺا هوندا آهن ته يا مولي وارا نيارا ڪر.
گذريل سال جي ڳالهه آهي. سيٺ سومر خان مليو. پاڻ سان گڏ سوزوڪيءَ ۾ ڏهه ڳوڻيون به کڻايو آيو.
چيم: ڇا آندو اٿئي.
چيائين: تحفو آندو اٿم.
چيم: چانور آهن؟
چيائين: نه.
چيم: ڪڻڪ آهي؟
چيائين: نه.
چيم: جوئر؟ ٻاجهر؟ بصر؟ پٽاٽا؟ مرچ؟ آخر ڇا آهي؟
چيائين: لوڻ آهي.
چيم: لوڻ ڇا ڪندس؟ ۽ سو به ايترو سارو.
چيائين: ڪجهه ڪائنجانءِ، ڪجهه ڪارائنجانءِ، ڪجهه پاڻيءَ ۾ ملائي هاري ڇڏجانءِ.
چيم: پر لوڻ ڇو؟
چيائين: ڳالهه ئي نه پڇ. خبر پئي هئي ته لوڻ مهانگو ٿيڻ وارو آهي، ان ڪري رکي ڇڏيم. بجيٽ ۾ لوڻ مهانگو ٿيو ئي ڪونه. هاڻي ته مسواڙ ئي ڳچيءَ ۾ پوي. ان ڪري وتان ٿو ڳوڻيون ورهائيندو. ڀلي قبول ڪر نه ته ڏيوالو نڪري ويندم.

شاهه صاحب هرويرو ته ڪونه چيو هو ته: ڏڪاريا ڏيهه مان موزي شالَ مرن!

پرائو سمجهائي سگهون.

شاعر چيو: ته پوءِ صدين کان اوهان اونده ۾ ڪينءَ گذارو ڪندا پئي آيا آهيو؟

چاچي وراڻيو: اهو هينءَ جو اڳ اسان شهر جي روشني نه ڏٺي هئي. ۽ هاڻي توهان ڀمراڙيءَ جي اونده نه ڏٺي آهي. شاعري ڪرڻ سولي آهي، پر لنڊيون لتاڙڻ ڏکيو ڪم آهي پٽ.هوٽل تي ويهي طعام کائڻ سولو آهي، نٽهڻ آس ۾ ڳاهه ڳاهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي بچاه. شاعريءَ کان ته چڱو اٿئي ته اسان وٽ اچي اسڪول ۾ ٻار پڙهاءِ. خبر پئجي ويندئي!

چاچي ڪوڙي کي چيم: چاچا. پيلي ڳوٺ ۾ هيتريون شاديون ٿيون، جيترا موت ٿيا، هيترا ملاڪڙا ٿيا، ملهون ٿيون، ميلا ٿيا، هڪ نڪي جو خط به نه لکيئي ڪٿي ڪڏهن؟

چاچا ڪليو: چيائين، زورآور آهين پٽ. ماستر کي وڏيري جي اوطاق تان فرصت هجي ته نهال به ڪولي نه؟

چيم: ماستر جو نهال سان ڪهڙو واسطو؟

چيائين: ماستر ماستر به آهي، پوسٽ ماستر به آهي. پوسٽ مين به آهي، منشي به آهي، ڏيک منشي به آهي. سڀ ڪجهه آهي پٽ.

جي اهو بيمار ٿئي تــه ســب کاتا بند. جي ڪاوڙجي تــه هڙني اونده. جي مري پوي ته وڃي پيو ڳوٺ وساه. جيسين وڃي پيو ماستر جمي!

(٦- مئي ١٩٨١ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پريشانيون

هڪڙي ڏينهن مون شاعر، جذبات حضرت بلبل، بيقرار کي هاڻ وٽ ويهاري پڇيو ته ميان شاعر جذبات، پڌو اٿم ته ڪجهه پريشان آهين. ماڻهن کي دانهون ڏيندو ٿو وتين. آهون ڪندو ٿو وتين. آخر ڳالهه ڇا آهي؟ ڪهڙي تڪليف اٿئي؟ ڪو ڏک سور هجي ته ٻڌاءِ. متان ڪا مدد اسان به ڪري سگهون.

چيائين: مون سان وڏو ناحق آهي.

چيم: ڪهڙو؟

چيائين: منهنجو ڪلام ڪوبه ڪونه ٿو ڇپي.

چيم: ان ۾ ڀين جو ڪهڙو ڏوهه؟ تون ئي ڪٿي ڇپاءِ.

چيائين: مون وٽ پئسو ڪونهي، ماڻهن وٽ وقت ڪونهي.

چيم: ته پوءِ ڪجهه وقت پيو به انتظار ڪر.

چيائين: پوءِ ڇا ٿيندو؟

چيم: پوءِ تون گذاري ويندين ۽ اسان وٽ صرف گذاري ويلن جا ڪتاب ڇپايا ويندا آهن.

شاعر جذبات کي چيم ته: تنهنجو پيو مسئلو؟

چيائين: ٻار کي اسڪول ۾ داخلا نٿي ملي.

چيم: ڪيتري عرصي کان داخلا نه ملي اٿئي؟

چيائين: چار سال ٿيا آهن. هر سال ائين ٿا چون ته ايندڙ سال اچجانءِ.

چيم: پوءِ ڇا ڪجي؟

چيائين: داخلا وٺجي.

چيم: داخلا ملي ويندي- دلجاءِ ڪر.

چيائين: سو وري ڪيئن؟

چيم: ٿورن سالن ۾ هٽ وڏو ٿي ويندئي، ان جي شادي ڪرائجانءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيمر: ان جا مان اڳ ئي گھڻان نسخا ٻڌائي چڪو آهيان.

ڇپائين: مثلاً!

چيمر: مثلاً اهو تہ در هميشہ بند رک. در تي لڳل نالي جي تختيءَ اڳيان ”مرحوم“ لکائي ڇڏ. بجاءِ جو فيوز آڏائي ڇڏ، گئس جو ڪنيڪشن ڪٽائي ڇڏ، در تي ڪتو ڌار، ڪتو نڪمو هجي تہ ڪدڙ، بگھڙ، ريڇ وغيره ڌار. مهمانن کي ڪينجھر ڍنڍ جو پاڻي پيار. ڪاوڙجي پوندا، پڇي ويندا، نہ تہ گذاري ويندا.

ڇپائين: اهي ڳالهيون سڀ برابر، پر منهنجي مهمان تہ منهنجي مس آهي.

چيمر: تہ پوءِ هينءَ ڪر. ٻي شادي ڪر. ٻي مس کي بہ گھرائي مهمان ڪر. لوهہ کي لوهہ ڪٽيندو. ٻئي ڏيڍر ڌيون پيون هونديون!

(٢٦- اپريل ١٩٨١ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: نہ.

دوست چيو: ڪهرواري چاق ڪانهي؟ ڇا؟

چيائين: چاق آهي.

دوست چيو: ٻي ڪا پريشاني اٿئي ڇا؟

چيائين: ڪا پريشاني ناهي.

دوست حيران ٿي چيو: تہ پوءِ ڪجهہ تہ هوندو؟ ڪجهہ تہ ٻڌاءِ، ڳالهہ ڇا آهي؟

صاحب ٿڌو ساهہ پريندي چيو: مون وارو پٽيوالو مهينو موڪل تي ويو آهي. فائيلن جو نيڪال اهوئي ڪندو آهي. هاڻي ڳالهہ سمجهئي؟

(٢٧- آگسٽ ١٩٨٠ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو ته چيچڙا پاڻ کائيندو هو ۽ دلاسا ٻلي‌ءَ کي ڏيندو هو. جڏهن
ڪاسائين ڪاروبار بند ڪري ڇڏيو تڏهن دلاسا پاڻ کي ڏيندو هو
۽ دڙڪا ٻلي‌ءَ کي ڏيندو هو.

هڪ ڏينهن بيزار ٿي ٻلي‌ءَ ڪيس پير جي آڱوٺي ۾ چڪ هڻي ڪڍيو.
ماڻهوءَ سمجهيو ته چيچڙو سمجهي پٽي آهي تنهن هڪدم اهو ڀاڪو
ڏنو ته: ٻلي‌ءَ کي خواب ۾ چيچڙا!

(۲۰- آگسٽ ۱۹۸۰ع)

چياڻين: نه ننهن اٿم.

چم: ننهن؟ تنهنجي؟ توکي نه پٽ ٿي هڪڙو آهي ۽ سو به سال ڏيڍ اڳ ڇاڙو آهي.

چياڻين: هائو، ياڻتي آهي. پٽ جي نالي ٿيل هئي.
خدا پٽ ڏنو اٿم هاڻي ڪيس تاڻ نياڻڻ سڀ ڪجهه سندس حوالي آهي. اڄهو ڏلئي ڪونه نه مڙس کي ڪچ تي ڪنيو پئي وڻي!

(۱۳- فبروري ۱۹۸۳ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خط

ڪجهه مهربان مهرباني ڪري ڪڏهن مون کي به خط لکي نوازيندا آهن. انهن خطن ۾ صلاح مشورا، ذاتي مونجهارا ۽ ڪي دلچسپ سوال پڻ موڪليندا آهن. ڪن کي ته مان سڌو سنئون سندن ئي موڪليل ائڊريس تي جواب ڏئي ڇڏيندو آهيان ۽ باقي مهربانن کي موقعو ملندي ئي ڪنهن پروگرام ذريعي سندن جواب ڏيندو آهيان.

اڄ ڪجهه اهڙائي خط منهنجي سامهون آهن.

ڪنڊڪوٽ کان هڪ دوست ممتاز صاحب ڪيترائي خط لکيا آهن. سڀني خطن جو حاصل ڪلام اهو آهي ته ممتاز صاحب هڪ شاگرد آهي، خوبصورت آهي، اداڪاريءَ جو شوقين آهي، ريڊيو، ٽي- وي ۽ فلم ۾ ڪم ڪرڻ جو ڏاڍو اشتياق اٿس.

ان دوست کي عرض آهي ته بابا صرف شوق ئي ڪافي ناهي. ريڊيو، ٽي- وي ۽ فلم تي ڪم ڪرڻ لاءِ ڪجهه ناٽو، ڪجهه سفارش ۽ گهڻي ٽڪ جي پڪائي گهرجي. لوڻ جو ٽڪ هجي ته پوءِ وه واه! پيڙائي پار سمجهه!

هڪ ٻئي دوست لاڙڪاڻي کان خط لکيو آهي. نالو اٿس رضا محمد رضا. چوي ٿو ته منهنجي مس کي ننڊ ۾ آئي گهمڻ ڦرڻ جي عادت آهي. اسان ٻئي ماڙ تي رهندا آهيون. سخت پريشان آهيون. ڪا صلاح ڏيو ته ڇا ڪيون؟

بابا رضا محمد رضا. ڳالهه سولي آهي. مائي جيڏانهن رخ رکي،

چيم: ڇو ڀلا؟

چيائين: هن ۾ ۽ مون ۾ وڏو فرق آهي بابا.

منهنجا شاگرد مون کي محبت ۽ عزت سان ملندا آهن.

هن جا شاگرد کيس پري کان ٻاهه ٻاهه ڪندا آهن.

علم ڏيڻ ۽ علم وڪڻڻ ۾ وڏو فرق آهي پٽ.

(١٧ اپريل ١٩٨٣)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو تہ سڄي رات ڪڪڙ ٿا خواب ۾ نظر اچن، ۽ جي ڪڪڙ کائي سمهان ٿو تہ سڄي رات دال ٿي ننڊ ۾ نظر اچي. ڇا ڪيان؟

ڊر محمد جت صاحب توهان لاءِ چڱو آهي تہ پاڙو بدلايو. نہ تہ ڪڪڙن جو مالڪ ۽ دال وارو دوڪاندار ٻئي ڳڏجي توهانجا لاهہ ڪڍي ڇڏيندا!

(٢٣- فبروري ١٩٨١ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساريا ويا آهن، تنهنجي ڀاڻاري ڀڪڙي ونئي آهي، ۽ ساڳيو ايماندار عملدار ڀيهر تنهنجي ئي ضلعي ۾ مقرر ڪيو ويو آهي. هاڻي ڇا ڪندين؟

چيم: تون ٻڪواس نه ڪرين. اهو نا ممڪن آهي.

ڇپائين: ضمير زندگيءَ ۾ صرف هڪ دفعو ڳالهائيندو آهي وڏيرا ۽ سورنهن آنا سچ ڳالهائيندو آهي.

هاڻي سوچيان ٿو: ڪاش! ضمير مون سان چاليهه سال اڳ ڳالهائي ها!!

# سينڌو پلازا

سائين قصو ڪجهه هن ريت ٿيو ته سيٺ ٻچو ڀائيءَ جي تازي تيار ڪرايل سينڌو پلازا اوچتو ئي اوچتو ڪري پئي. ڪي ڦٽيا، ڪي معمولي زخمي ٿيا ۽ باقي ماڻهون جان بچائي ڀڳا.

پلازا بلڪل نئين هئي. ڪرڻ جو ته ڪو سوال ئي پيدا نٿي ٿيو. ماڻهون حيران هئا ته آخر ائين ڇو ٿيو.

مون دل ۾ سوچيو ته ان معمي کي حل ڪرڻ گهرجي ۽ روبرو وڃي جاچ ڪرڻ گهرجي. ان ڪري سڌو ويس سينڌو پلازا. هڪڙو همراهه فٽ پاٿ تي ويٺو هو. پڇيم: تون هن پلازا ۾ رهندو آهين؟

چيائين: رهندو هوس. اڄڪلهه فٽ پاٿ تي رهندو آهيان.

چيم: جنهن رات سينڌو پلازا ڪري، ان رات ڪو خاص واقعو ٿيو هو ڇا؟

چيائين: پيو ته ڪجهه ڪونه ٿيو هو، ها باقي هڪ فلمي ٽيم پلازا جي ڇت تي شوٽنگ ڪرڻ لاءِ آئي هئي.

چيم: ڪهڙي شوٽنگ پئي ڪئي فلمي ٽيم؟

چيائين: ڪو گانو فلمبند پئي ڪيائون.

چيم: پوءِ ڇا ٿيو؟

چيائين: هيروئن کي گانــو به ڳائڻو هو ۽ ڊانس بـه ڪرڻي هئي. نچندي نچندي اوچتو هيروئن ٺپو ڏنو. پوءِ ڇت تي پير پيس ته پلازا به اچي ڦهڪو ڪيو!

مون هڪدم فلم جي هيروئن ڪچوريءَ ٻائيءَ کي فون ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آرام ۽ تفريح

موڪل جو ڏينهن هفتي ۾ هڪ، ۽ ان ئي ڏينهن تي هر دفعي اتفاق اهڙو ٿيندو آهي جو ڪونه ڪو ڪم اچي سر تي پوندو آهي. آرام، سڪون ۽ تفريح جا سمورا پروگرام درهم برهم ٿي ويندا آهن. خدا خدا ڪري ڏينهن ختم ٿيندو آهي ۽ وري ٻئي هفتي جي موڪل جو انتظار شروع ٿي ويندو آهي.

سال ٿي ويا، پر اهو موڪل جو ڏينهن اڃا تائين نصيب نه ٿيو آهي جنهن ۾ آفيس کان سواءِ، گهر وارن، پاڙي وارن، ڪاميٽيءَ وارن، فقيرن، هوڪي وارن، مطلب ته سموري ظالم سماج به خوش ٿي موڪل ڏني هجي.

هر ملازم کي سال ۾ ١٥ ڏينهن آرام ۽ تفريح جي موڪل ملندي آهي، چار ڏوڪڙ مٿان به ملندا آهن ته وڃي عيش ڪيو. هن ڀيري موڪل ۽ پئسا وٺي اچي گهر پيڙو ٿيس ته واهه مولا. هاڻي ته موڪل واهه جو ملهائبي. قضا جي خبر ئي ڪونه هئي جا صدر ۾ ساڙهيءَ جي روپ ۾ شوڪيس ۾ بيٺي هئي. هٿ ڪڻ ٿي وٺي.

آرام ۽ تفريح جو پهريون مرحلو اڪ، پوٽ ۾ طئي ٿي ويو جڏهن زال ساڙهي پائي چيو: هائي الا، ڪيڏي نه آرام ده ساڙهي آهي. هل ته هلون ـــــ!

آرام ۽ تفريح جو ٻيو مرحلو ٻئي ڏينهن کان شروع ٿيو. صبح سان فون جي گهنٽي وڳي.

اڪيون مهٽيندي فون کنيم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون چيو: ادا مان تہ موڪل تي آهيان.
چپڙاسين: موڪل تي آهين، تڏهن تہ چوانءِ ٿو. ڊيوٽيءَ تي هجين
ها تہ پوءِ تہ مجبوري هئي!

ڀائو وڏي جا ڀارنهن ٻار، بيمار ڀاڄائي، ڇاڇو ڪدو ۽ ڇاڇي نصيبان
ٻارن ٻچن سميت گهر ۾ موجود هجن، رٽائرڊ جمعدار جمع خان جا
ڦيرا هجن، پراڻي دوست، دوست محمد دادلي جي پٽ جي پڙهائي
بہ هجي، صاحب وڏي جي گوار، ڪڙ ۽ گيدوڙن جا فائيل بہ هجن،
۽ ان سان گڏوگڏ بہ هفتا آرام ۽ تفريح جي موڪل بہ هجي.
اها اٿ ٽيٽي آهي!

ٻئي ڏينهن صبح ساڍي ٽيار ٿي آفيس پهتس.
صاحب وڏي حيران ٿي چيو: تون تہ آرام ۽ تفريح جي موڪل تي هئين؟
چيم: هئس ڪونہ، اڄ ڪان آيو آهيان!

(۱۲ جنوري ۱۹۸۸ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مئن آف دي مئچ

ڪرڪيٽ جي سيريز ڇا ختم ٿي آهي، ملڪ مان لڱڙ لهي ويو آهي. ماڻهن جا ڪنڌ ٺيڪ ٿي ويا آهن. مٿي ڏسي ڏسي سڪي پيا هئا، سي هاڻي آهستي آهستي پنهنجي اصلي پوزيشن ۾ اچي رهيا آهن. ملازم، جي بيماريءَ جي درخواست تي گهر ويل هئا، سي پيهر ڊنڊي تي موٽي رهيا آهن.

نارنگيون ۽ ڪيلا جي راندين جي ڪري مهانگا، بلڪ ناياب ٿي ويا هئا. سي پيهر مارڪيٽ ۾ نظر اچي رهيا آهن.

منهنجو چاچو، ڪوڙو خان، جنهن کي شڪايت آهي ته ماڻهو کيس ”ڪوڙو خان“ ٿا سڏين، سو ٻن ڏهن مهينن جي گهرو نظربندي کان آجو ٿيو آهي. گهرو نظربندي ان ڪري جو ٽي مهينا پوڙهو مڙس چار ديواريءَ ۾ ٽي. ويءَ آڏو ويٺو رهيو.

ماني ٽڪي به اتي ئي کائيندو هو.

هڪ دفعي ته هڪ هٽ سان چانهه پئي پيتائين ۽ ٻئي هٿ سان ڏاڙهي پئي لاٿائين. پنهنجي محويت ۾ برش چانهه ۾ ٻوڙي ڇڏيائين ۽ صابڻ جي پيالي ۾ ماني ڏک ڀري ڇڏيائين، پتو ئي ڪونه پيس.

ڪرڪيٽ مئچ دوران چاچي ڪوڙي وڏا رنگ ڪيا. هڪ دفعي مئچ هلندي اٿيو پيس. ڪنڌ ڦريس ئي ڪونه پيو سو نڪ سامهون هليو ويو. وڃي هو بورچيخاني ۾. وڃي نڪتو در کان ٻاهر.

واقفڪار گڏيس. ۽ ڪنڌ ڦريس ته ڪين ڏسي. گاڏيءَ هارن

# عيد

چئني ٻاسي عيد جو شور آهي.
جلدي ڪيو ڪپڙا سڀ ڏيو، عيد پئي اچي.
جلدي ڪيو بوٽ وٺي ڏيو، عيد پئي اچي.
جلدي ڪيو پگهار ڏيو، عيد پئي اچي.
جلدي ڪيو اوڌر موٽائي ڏيو، عيد پئي اچي.
عيد ڇا پئي اچي، ڄڻ ان ڪان پوءِ ٻيو ڏينهن نه ٿيندو.

هر ماڻهو ان فڪر ۾ آهي ته جلد کان جلد، جيترو ٿي سگهي اوترو گهڻون پئسو هٿ ڪجي، ۽ جيترو ٿي سگهي، اوترو گهڻو پئسو خرچ ڪجي.

سياڻي جو ڪنهنکي به فڪر ڪونهي، ٻچت جي ڪنهنکي به پُئتي ناهي.

اهو ڪو به نٿو سوچي ته عيد کان پوءِ ڇا ٿيندو؟
ڪٿان کائيندا سين، ڪٿان رهندا سين، ڪٿان جيئندا سين؟

هڪ مزور کان پڇيم: سڀ ڪجهه ڪپائي خرچي ويهي رهندين. پوءِ ڇا ڪندين؟
چيائين: مزور آهيان مزوري ڪندس.
چيم: جي خدانخواسته اڳهو سگهو ٿي پوين ته پوءِ؟
چيائين: اڳهو ٿيندو آهيان تڏهن جلدهن پئسو ڪرڙ ۾ هوندو اٿم.
سچي جي کهڙي اکهاني؟ سچائي ته پاڻ بيماري آهي بادشاه!

هڪ ٿي۔ وي پروڊيوسر دوست اٿم، اڄڪلهه ڏاڍو مشغول آهي.
پڇيومانس: ڇا ڳالهه آهي؟ اڄڪلهه تمام گهڻون ڪم اٿئي ڇو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: ڏاڍو ڊڪي ڊوڙي مري پيو آهيان.

چيم: ڇا پيو ڪرين؟

چيائين: هڪ ڊرامون پيو پروڊيوس ڪيان عيد جي لاءِ. ان ۾ قاتل آهيان.

چيم: عيد لاءِ ڪو خاص ڊرامون آهي ڇا؟

چيائين: ها. فضول خرچيءَ جي خلاف هڪ مزاحيه ڊرامون لکايو اٿم، ان تي ڪم پيو ڪيان. ڏسجانءِ ويٺو منهنجي ان ڊرامي ڏسڻ کان پوءِ ماڻهون اجايو خرچ ڪرڻ ڇڏي ڏيندا. ڪوڙي ڏيکاءُ خاطر قرض وٺڻ وارا شرم کان پاڻي پاڻي ٿي ويندا. آمدنيءَ کان وڌيڪ خرچ ڪرڻ وارا ڪنڌ جهڪائي ڇڏيندا.

مان هاڻ لڳس ته هن چيو: ترس يار، هڪ ڳالهه ته ٻڌ.

چيم: حڪم ڪر.

چيائين: هڪڙا پنج سو روپيه اڌارا ڏيندين؟ زال ڏاڍو بيزار ڪيو آهي ته عيد لاءِ نئين ساڙهي وٺي ڏي.

چيم: تو ته فضول خرچيءَ خلاف ڊرامون تيار ڪيو آهي؟

چيائين: زال لاءِ ساڙهي وٺڻ فضول خرچي ٿورو ئي آهي!

منهنجي پٽيوالي رمضان چيو: سائين عيد ويجهي آهي. هن ڀيري پگهار ٿورو اڳواٽ وٺائي ڏيو ته ڏاڍي مهرباني ٿيندي.

چيم: رمضان توکي پگهار جي ڪهڙي ڪهرج؟

چيائين: سائين عيد تي خرچ ته ضرور ٿيندو نه.

چيم: توکي هن مهيني ۾ بونس مليا آهن.

چيائين: سائين هڪ مان پنهنجا ڪپڙا ٺهرايم، ٻئي مان ٻارن جا ٺهرايم.

چيم: توکي هن مهيني موڪل جي بدلي پگهار به ته ملي آهي.

چيائين: سائين ان مان بوٽ ورتم.

چيم: توکي هن مهيني طبي سهوليتن جي بچت وارا پئسا به ته مليا آهن.

چيائين: سائين انهن مان سڄو گهر سئنيما ڏسندو.

چيم: توکي هن مهيني بهبوديءَ وارو قرض به ته مليو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيم: پر سائين، اهو ڪيئن ٿيو؟
چيائين! اڙي جاهل، پٽ جي پنهنجي پاسي کان ڏئي ڪڙڪو پئي پڇين، سمجهين ڇو نٿو؟

هڪڙو پيو جن آهي جنهن کي مان روز ڏسندو آهيان ۽ هو روز منهنجا لاهه پٽيندو آهي.
اهو جن آهي پاپڙ نو پاڇي وارو.
هرروز گاڏو پاڇين جو پري در تي ايندو آهي ۽ هوڪر ڏيندو آهي ته اچي پاڇي وٺو.
پاڇي هوندي اٿس ڪل، پاروٽي، خراب، ان ڪري هرروز چوندو آهيانس ته: پاڻو، نه کپي پاڇي.
چوندو آهي: پهرين ڪڏهن ته ڪجهه وٺ، گوبي وٺ، گوگڙو، واڱڻ وٺ يا موري، پالڪ وٺ يا ڪدو. ڪجهه ته وٺ.
مان در بند ڪري چڙيندو آهيان ته چوندو ته: پهرين ائين نه ڪر، خالي هٿن نه موٽاءِ، ڪجهه وٺ.
منهنجو اهوئي جواب ته: مڙئو اٿئون ڇا جو باسي پاڇي وٺندا سين، ويچارو نااميد ٿي موٽي ويندو آهي، پر وري پئي ڏينهن اُڪ سلاماليڪم.
هڪ ڏينهن ڏاڍو خوش هو، چيائين: اڄ ته ضرور پاڇي وٺ.
چيم: اڄ ته تنهنجي پاڇي اڳين کان به خراب آهي، ڏپ ٿي ساڙي.
چيائين: نه – اڄ ضرور وٺ.
چيم: ڪيئن وٺان، گهر ۾ مهمان لٿا پيا آهن.
چيائين: تڏهن ته چوانءِ ٿو، اڄ نه وٺندين ته پوءِ وري ڪڏهن وٺندين؟

( ١١– اپريل ١٩٨٣ع )

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وڻ

وڻن پوکڻ جي مهم زور شور سان هلي رهي آهي.
وڻ به پوکجن پيا، مهم به پئي پوکجي.
مهم پوري ٿي ويندي، ته وڻ به پورا ٿي ويندا.
ٿورو سوچڻ جي ڳالهه آهي. گذريل ٣٢ سالن کان هر سال وڻن پوکڻ جي مهم هلي رهي آهي. ڪروڙن جي آبادي کي ٣٢ سان ضرب ڪجي ته ارب، کرب، نيل، پدم وڻن جا ٿي وڃن. پر حالت اها آهي جو شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار زماني جي بي قدري سبب ڪنهن مضبوط وڻ جي مضبوط ڏار ۾ نوڙهو پڌي آپگهات ڪرڻ چاهيو، پر هڪ مهيني جي مسلسل ڳولا بعد به ڪو مناسب وڻ نه مليس — ۽ آخرڪار اهو ارادو ملتوي ڪري ڇڏيائين.

شاعر جذبات کي آپگهات لاءِ مناسب وڻ نه مليو ان ڪري ڪانڊيري کي درخت سمجهي ان ۾ لڙڪڻ جي ڪوشش ڪيائين. نتيجو اهو نڪتو جو اهو ڪانڊيرو پاڙئون پٽجي آيو. پوءِ پيا ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته اهو ڪلهه ئي حضور مختيارڪار صاحب پنهنجي هٿ مبارڪ سان پوکيو هو.

حضرت بلبل بيقرار جو وڻن مان ايمان ئي نڪري ويو. ان ڪري سوچيائين ته ڇو نه ريل گاڏي هيٺان ٽپو ڏئي جان ڏيان.
اهو سوچي، ريل جو اڳ وٺي، اک ٽڪ ڪري ويهي رهيو. جڏهن گاڏي ويجهو آئي، تڏهن پٽڙي تي سمهي پيو. سندس حيرت جي حد ئي نه رهي جڏهن گاڏي به سندس پر ۾ اچي بيهي رهي.

چيائين: مون ڀاڻ پنهنجين اکين سان ڏٺو آهي، اڇهو هو ٻيڻو آهي ڀاڻ امين ٿيو.

چيائون: پر اهڙ وڏي اهو ته گهوٽ جو ڀيءُ آهي.

چيائين: جي ڀيءُ جا اهڙا حال آهن تـه پٽ وري ڪهڙو سريلو هوندو. هلو هلو اسان کي ناهي شادي ڪرڻي!

( ١- مئي ١٩٨١ )

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عشق مون سان

ننڍي هوندي کان اهو ڪلام ٻڌندو پيو اچان ته :

عشق مونسان جيڪي ڪيون ڦري ڳالهيون،
ماڻ نه جهڙيون ـــ ڏڻ نه جهڙيون.

اهو ڪلام اوهان به ٻڌو هوندو. مون کي به پسند آهي. اوهان کي به پسند هوندو.

سوچيان اهو ٿو ته اهي ڪهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي نه ماڻ جهڙيون آهن ۽ نه وري ڏڻ جهڙيون آهن.

اهو ته ٻڌندا پيا اچون ته عورت عمر نه ٻڌائيندي آهي، مرد ٻگهار نه ٻڌائيندر آهي، ڪسٽم وارا گريڊ نه ٻڌائيندا آهن ۽ واپاري دولت نه ٻڌائيندا آهن.

پر معلوم اهو ٿو ٿئي ته ڪجهه پيون ڳالهيون به آهن جيڪي صيغه راز ۾ رکڻ جهڙيون آهن. مثلاً ڪير ۾ پاڻيءَ جو مقدار. رڪشا جي ميٽر جي رفتار، بجليءَ جي اچڻ ۽ وڃڻ جا وقت، ٽيليفون جي بل جا تفصيل وغيره وغيره.

اهي ڳالهيون ٻڌيون ته مڻ مچندا، ناراضگي پيدا ٿيندي، انڪري ڍڪي ڍڪي رکڻ ئي بهتر آهي. اوندهه ۾ هرڪو چور آهي. ڏينهن شينهن آهي، مهوري ڪارنهن لڪايو ڇڏي.

چاچو ڪوڙو خان، جنهن کي اڪثر ماڻهو ”ڪوڙو خان“ پڙهندا آهن، سو ماڻ ڪاڻ ڪراچي آيو. چيائين: ڪراچي ڳهماءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇيم: ڇا ڇا ڏسندين ؟

ڇيانئين: ڇا ڇا ڏسندين؟

ڇيم: گهٽيون ٿي جڳهيون آهن. مثلاً الفي آهي، جنهن ڪي هاٿي زيبي چٻو آهي. راڻي جو باغ آهي، ڪيماڙي آهي، هاڪس بي آهي، ڪلفٽن آهي.

ڇيانئين: هڪڙي ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي ڀٽ .

ڀڇيم: ڪهڙي؟

ڇيانئين: جڏهن هر شيءِ جو نالو بدلائي نئون رکيو ويو آهي تڏهن هاڪس بي ۽ ڪلفٽن جو نالو اڃا تائين ساڳيو ڇو آهي؟

ڇيم: اها ڳالهه نه پڇ چاچا. اهي ڳالهيون ڏسڻ لهه جهڙيون، سلڻ نه جهڙيون آهن.

شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار هڪ ڏينهن بيحد اداس مون وٽ آيو .

ڀڇيم: اداس ڇو آهين بلبل ؟

ڇيانئين: ڳالهه ئي اهڙي آهي.

ڀڇيم: يارن ڪان به لڪائيندين ڇا؟

ڇيانئين: نه. لڪائڻ وري ڪهڙا آهن. پر مون کي هڪ ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي. فلاڻي شاعر سان شام ملهائي وئي، فلاڻي کي ٻڪ ٻڌائي وئي، فلاڻي کي ايوارڊ ڏنو ويو. مون ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟

رڳو ڪلام پڙهان ته به داد ڏٺو ملي، مورڳو هوڻنڪ ٿي ٿئي. آخر ڇو؟

ڇيم: اهي ڳالهيون ڏسڻ جهڙيون ناهن بلبل.

ڇيانئين: يارن کان به لڪائيندين ؟

ڇيم: يارن سان ڪهڙا ليکا، ڳالهه دراصل هن ريت آهي ته

چيائين: ڪورنيڙي ۾ بادشاهه بروڻس جي آڪاٽي ڪوٺ ڀڏي اٿئي
ڇا ـــ ؟

چيم: ڀڏي اٿم.

چيائين: ته پوءِ ڀڇين ڇو ٿو؟

چيم: ته اچان چار ٻالڊنگون پيون ڪرندئي؟

چيائين: نه. اچان ڇٽن بالڊنگن تائين جاچ وارا رپورٽ لکي سگهي نه سگهندا، جڏهن سگهي ورتائون تڏهن مان هيءَ ڏنڌو ئي ڇڏي ڏيندس.

ٽيليفون جو بل آيو ٻه هزار روپيه.

چيم: جنهن مهيني جو بل آهي، اهو سڄو مهينو ٠ان ماڪ ٽمان ٻاهر هوس. گهر بند پيو هو. بل ڪيئن آيو؟

چيائون: جواب ڏيڻ لاءِ اسان ٻڌل ناهيون.

چيم: اهو منهنجو حق آهي.

چيائون: پڇتائيندين.

چيم: ڀلي.

چيائون: ته پوءِ ٻڌ. هيءَ ته رڳو هڪڙو مهينو آهي، جنهن ۾ ٻه هزار بل آيو اٿئي ته دانهون ٿو ڪرين. ٻه هو جو سالن کان هر روز پيو لاهور ۽ اٽلي ڳالهائيندو هئين ۽ بل ايندو هيئي ٽيهه روپيه، ان لاءِ ڇا چوڻو اٿئي؟

چيم: توهان کي ڇا چوڻو آهي؟

چيائون: اسان کي اهو چوڻو آهي ته آڏي ڪٽي ڀائيوار آهيون!

گذريل ڪيترن ڏينهن کان بجليءَ جي اڪيوٽ جاري آهي. ڏينهن جو ته وري به خير آهي، رات ٽيندي ئي بجلي بند ٿي هڪ گرمي، ٻيو ڪراچيءَ جا گهر جهڙا ڪڏيون. نه هوا جو گذر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ روشنيءَ جو لنگهہ. لاھہ ني نڪري ويا آھن.
ماڻھو ويچارا سڄي سڄي رات گرميءَ ۾ پيا ڀڳهرجن.
ھڪ ڪاموري کي چيم: اھو ٻڌايو تہ رات جو تہ اوھان
بجلي بند ٿا ڪري ڇڏيو ۽ ڏينھن جو رستن جون بتيون ٻہ
پيون ٻيون ٻرن، ان جو ڇا سبب آھي؟

(۱۰ مئي ۱۹۸۱ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون جڏهن اها ڳالهه هڪ ٽرڪ ڊرائيور سان ڪئي ته هو خوب کليو ۽ چيائين: اها ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي؟ مان هر روز پنهنجي ٽرڪ گئراج جي ڇهه فٽ ويڪري دروازي مان ٻاهر ڪڍندو آهيان، ٽي فوٽ ويڪري فوٽ پاٿ تي گاڏي هلائيندو آهيان ۽ سپرهاءِوي تي اکيون ٻوٽي سفر ڪندو آهيان، پوءِ به نالو نيشان ڪونهي؟

ڪن ماڻهن کي نانگن جي ٻرن ۾ هٿ وجهڻ ۾ مزو ايندو آهي، ڪن کي شينهن جي وات ۾ مٿو وجهڻ سان خوشي ٿيندي آهي ۽ ڪن کي رڪشا ۾ سواري ڪندي قرار ايندو آهي.
ڳالهيون سڀ جان جوکي جون آهن پر رڪشا جي سواريءَ ۾ جو خطرو آهي، سو اهي نٿي ڄاڻن ته جن رستيءَ تي سائيڪل هلائڻ واري کي ڏڪو هوندو. پر سائيڪل رستيءَ تي هلائڻ واري کي ته وري به اها خاطري هوندي ته ڪرندس ته ڏهه پندرهن فوٽ هيٺ زمين تي نه ڪرندس. رڪشا واري مسافر کي ته پنج هزار فوٽن جي بلنديءَ جو نه خوف ماري وجهندو آهي.

(٩ نومبر ١٩٨٤ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽيوشن

اڄڪلهه امتحانن جي موسم آهي.

ويچارا شاگرد ڏينهن رات هڪ ڪري محنت سان امتحان جي خوب تياري ڪري رهيا آهن.

منهنجي وڏي پٽ جي ڪمري جي بتي سڄي رات ٻرندي رهي،
صبح سان پڇيومانس: ڇا پئي ڪئين پٽ؟
چيائين: لکيم پئي بابا.
پڇيم: ڇا لکيئي پٽ؟
چيائين: سلوار تي جاگرافيءَ جا جواب پئي لکيم بابا!

امتحان هال ۾ راڪيٽ اڏامندا آهن، ڪارتوس هلندا آهن، گوليون وسنديون آهن، پاڻيءَ واري پٽيوالي جي معرفت جوابن جا پرچا هڪ ڊيسڪ کان ٻئي ڊيسڪ تائين پهچندا آهن. ٽوپيءَ جي هيٺان گائيڊ لڪل هوندي آهي. جورابن ۾ حل ٿيل پرچا هوندا آهن. هٿ جي ترين تي سن، مهينا ۽ سال لکيل هوندا آهن.

امتحان هال کان ٻاهر هڪ ڇوڪرو مليم ڏاڍو پريشان پئي ڏٺو.
پڇيم: خير ته آهي؟
چيائين: ڀلاڙي قسمت — بس صرف هڪ آڱر جو فرق رهجي ويو.
پڇيم: سو وري ڪيئن؟
چيائين: اصلي سن ڇيچ تي لکيل هو، پاڇ وارو جواب لکي آيو آهيان!

هڪ امتحاني هال ۾ خوب نقل هليو. هتانَ جي ڪاپي هتي، هتان جي هتي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيم: ته پوءِ ڪلاس ۾ ڇو ويندو آهين؟
ڇيائين: ڪچهريءَ لاءِ اهوئي ٽائيم ملي ٿو!

ڪاليج جي هڪ استاد ڪي سڄاڻان جنهن پنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ به پيريڊ نه پڙهايو آهي ۽ هڪ ڏهاڙي جي به پڪهار ڇڏي ناهي.
ٻيڻ لڳندو آهي ته هو ڪاغذ ڳوڙهڻ شروع ڪندو آهي.
شاگرد وٺڻ ابتدا ائس ته بوٽ ڳوڙهڻ شروع ڪندو آهي.
موٽي ويندا آهن ته چشمو ڳوڙهڻ شروع ڪندو آهي.
۽ پيريڊ ختم ٿيڻ کان اڳ ٿي گهر موٽڻ لاءِ سواري ڳوڙهڻ شروع ڪندو آهي!

هڪ استاد کان پڇيم: توهان ڇا ڪندا آهيو؟
چيائين: ڪاليج ۾ پڙهائيندو آهيان.
چيم: پڙهائي جو پيشو اوهان ڇو اختيار ڪيو؟
چيائين: قومي خدمت جي جذبي وچان.
چيم: جيڪڏهن ڪاليج ۾ استاد نه هجو ها ته هن وقت اوهان ڇا هجو ها؟
چيائين: ساڳي ئي ڪاليج ۾ — شاگرد هجان ها!

هڪ ڳوٺاڻي اسڪول جي ماستر کان پڇيم: تنهنجا شاگرد ڪيترا آهن؟
چيائين: اٺ ئي آهن.
چيم: مون کي ته نظر نٿا اچن.
چيائين: هڪڙو منهنجي گهر جو پاڻي ڀرڻ ويو آهي، ٻيو ٻار ٻيو کيڏائيم، ٽيون ٻاجي ٻتي وٺڻ ويو آهي، ۽ چوٿون........
چيم: پڙهندا ڪڏهن آهن؟
چيائين: اها پڙهائي ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟

(٦ مارچ ١٩٨١ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪري ويو ”بجيٽ.“
منهنجو بجيٽ چوڻ ۾ رڪشا واري جو ڪڙي ۽ تي زور رکڻ، ٽوائي ۾ ڏهه روپيه مون وارا به ڦٽا ڪري ويو.
چيومانس: هائي گهٽوئي مٿو ڪاڏ ٽي دادا. پيو نه تسہ چانهه ٽي ڪٽي پيار.
چيائين: اها ته سولي ڳالهه آهي صاحب. چلهه تي بجيٽ رکي آيو آهيان. بس اجهو ٿو وڃي وجهي ڪٽي اچانس.
چيم: جي-؟ چا رکي آيو آهين؟
چيائين: ہائي رکي آيو آهيان چلهه تي. بس اجهو ٿو بجيٽ وجهي ڪڍي اچانس.
چيم: دادا. هوش مان ڇو ٿو نڪتو وڃين.
چيائين: معاف ڪجان صاحب. ڀلو هوس. دراصل بجيٽ تي بجيٽ رکي آيو آهيان. اجهو ٿو بجيٽ وجهي ڪٽي اچانس-!

۱۳- جون ۱۹۸۸ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ڊسري ويو. ڪن لاءِ ويٺي وصا ٻڌم ته ايتري ۾ هڪ جٽي اچي، در کولي اندر ڏوڪي آئي.

مان شايد ڪجهه وڌيڪ بدحواس ٿي ويس.

هوءَ جوڙيءَ رفتار سان آئي هئي، ان ئي رفتار سان ٻاهر ڀڄي.

ساهيڙين پڇيس: خير ته آهي—؟ ڇا ٿيو؟

گهٻراهٽ ۾ چيائين: هو— اندر— الائي ڪير آهي؟

زال منهنجيءَ چيس: ٻيو وري ڪير هوندو؟ منهنجو گهر وارو آهي.

اتي ان مائيءَ جو ٻه ساهه ۾ ساهه پيو. چيائين: اهو گهر وارو اٿئي؟

اڙي مائي "سيل" سان ورتو هيئي ڇا؟

(١٨ جولاءِ ١٩٨٨ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۲۴- نه مرڻ جو ڏک (ڪهاڻيون) ايشور چندر ۱۰-۰۰

۲۵- مرجينڊڙ ساڻيهه جا (بيت) تاجل بيوس ۱۲-۰۰

۲۶- ترقي پسند ادب جا معيار (تحقيق) خاڪي جوڻو ۱۲-۰۰

۲۷- واچوڙن ۾ لاٽ (ريڊيو ۽ ٽي وي ڊراما) قمر شهباز-/۳۰ ۵۰/-

۲۸- ڪاڪ محل (ٽيليويزن ڊرامو) شمشير الحيدري ۰۰-۲۵ ۵۰-۰۰

۲۹- رنڊ ۽ ڀنڊ (تاريخي ڪالم) پير علي محمد راشدي ۰۰-۲۵

۳۰ سڄڻ رهين ٿو دور (چونڊ شاعري) قمر شهباز ۵۰-۰۰

* سنڌ منهنجي آمان (چونڊ شاعري) تاجل بيوس ۳۶/-

* اڻون گهر قمر شهباز ۶۰/- رپيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ATTHOAN GHAR

## QAMAR SHAHBAZ



SANGAM PUBLICATIONS.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ ﭘﮑيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، چو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book